
- کلا پرکا

- وارن ۾ گل (ڪھاڻين جو مجموعو)

- ڪلا پرڪاش

- آگسٽ، ۱۹۹۳ع

- ڪور ڊزائين: گھنشيام ساگر

- ڇپائيندڙ: لکمي کلاڻي
'آسانجو آدب' THX-1,
آديپور (ڪڇ) 370205

- ڇپيندڙ: ڪويتا پرنٽنگ پريس،
سهجپور بوگها، احمدآباد- 382345

- ملھه: چاليھه روپيه.

دل جي سُورن جون ڳالهيون تو مونسان ڪيون
سُور تنهنجا نه، پر مون کي پنهنجا لڳا!

(شيام)

- **VARAN MEN GUL**
  (Collection of Short Stories)

- Kala Prakash

- August, 1993

- Cover Design : Ghanshyam Sagar

- Publishers : Lakhmi Khilani
- 'Asanjo Adab' THX-1,
  Adipur (Kutch) 370205

- Printers : Kavita Printing Press
  Sahijpur Bogha,
  Ahmedabad - 382 345

- Price : Rs. 40/-

ديوار

ٻيدا جي چاچي کيس سڏ ڪري چيو، ”ٻيدو! ڪيڏي مهل پورو ٿيندو تنهنجو رڌڻي جو ڪم؟ ٿوري دير ته اچي منهنجي سامهون ويهه. وري مان آلائي ڪڏهن پارڪ ۾ اچان.“

ٻيدا رڌڻي کان نڪري هال جي دروازي وٽ آئي. اُتي ئي چيائين، ”چاچا! اڃا ٿورو ڪم رهيل آهي. پندرهن ويهن منٽن ۾ اچان ٿي.“

چاچي کي جواب ڏيئي هوءَ رڌڻي ۾ موٽي وئي. هُن مٽن برياني جهيڻي تي سيجهاڻ رکي آهي. ٻيءَ گئس تي سائي ڀاڄي چاڙهي اٿائين. اڃا کيس ٻٽاٽن جون ٽڪيون، چٽڻي ۽ سلاد وغيره ٺاهڻو آهي. چاچي کيس ٻيو ٽيون دفعو سڏ ڪيو هو ته هال ۾ اچي ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪري. اڌ ڪلاڪ کن اڳ، جڏهن پهريون دفعو چاچي کيس سڏ ڪيو تڏهن اهو سڏ کيس پنهنجي ننڍپڻ ڏانهن ڇڪي ويو.

هوءَ جڏهن نون، ڏهن سالن جي هئي تڏهن چاچي جي سڏ تي وٽس ڀڄندي ويندي هئي. شل ته چاچو ٻيدا کي سڏ ڪري هوءَ پٽ تي پير ڪٽيندي، هوا ۾ هلندي چاچي جي سامهون اچي حاضر ٿيندي هئي. اُن وقت ڀلي هوءَ ڇا به ڪندي هجي سڀ اتي ئي ڇڏي ٽپ ڏيئي ايندي هئي. جيئن چاچي جي سامهون پهچي تيئن ڏاڍي پيار مان جواب ڏيندي هئي ها چاچو... جي چاچا... آيس چاچا...

اڄ هوءَ چاهي ٿي جيڪر چاچو کيس سڏ نه ڪري. جيڪڏهن اڪيلو ويهي بور ٿي رهيو آهي ته اخبار پڙهي يا

سلسلو

(۱)	ديوار	5
(۲)	هوا جو جهونڪو	14
(۳)	گل	27
(۴)	نرس	34
(۵)	هڪ رواجي ماڻهو	45
(٦)	پرائو وهنوار	55
(۷)	سالگره	64
(۸)	ٿڌڪار	74
(۹)	سئيءَ جو ٽاڪڙو	83
(۱۰)	وارن ۾ گل	91

رکيو هو "چاچي جي پاڻي"! جڏهن استريءَ وارو ڪپڙا استري ڪري کڻي ايندو هو ته هن جي ماءُ ڌوتل ڪپڙا سڪائي نوڙن تان لاهي پوءِ ڪندي هئي تڏهن ڪيس سڌ پئي ائين ڪندي هئي او چاچي جي پاڻي! ايما اِن سڌ مان سمجهي ويندي هئي ته ڪيس چاچي جا ڪپڙا الڳ ڪري سنڀالي لاهي ڪٻٽ ۾ رکڻا آهن...

ايما اوٻارا پٽاٽن ۾ سڀ مصالا وجهي ٽڪيون تيار ڪري رهي آهي ۽ لڌياڻا جون ڳالهيون ٻ ياد ڪري رهي آهي. اوچتو چاچي کي رڌڻي جي در وٽ ايندي ڏسي ايما جي هٿن مان گول ٺهيل ٽڪي ٿالهه ۾ ڪري ٿي پوي. چاچي چيو، "سنتو فرج ۾ بيئر رکي ويو آهي. هڪڙي بوتل تــه ڪڍي ڏي." ايما هٿ صاف ڪري فرج کوليو. بيئر جي بوتل ۽ هڪ گلاس ٽري ۾ رکي چاچي کي ڏنائين. چاچي ٽري کانئس وٺندي چيو، "ٻيو به گلاس ڏي نه- تنهنجي لاءِ."

"نه نه.." ايما مرڪندي چاچي جي منهن ۾ نهاري چيو، "مان بيئر نه پيئندي آهيان."

چاچي هال ڏانهن ويندي چيو، "تون مون وٽ سنگاپور اچين ته جيڪر توکي زوريءَ بيئر پيئاريان."

هوءَ وري ٽڪيون ٺاهڻ کي لڳي وئي... هوءَ سمجهي ٿي شايد اڄ ڪم ڍري ڪري رهي آهيان. نه معلوم ڇا ٿيو آهي مون کي. ٿوري ڦڙتائيءَ سان ٽڪيون ٺاهي پاسيرو ڪري رکيائين. سلاد جون شيون صاف ڪندي هن جي ڪم رفتار وري ڍلي ٿي وئي هن کي پنهنجي پڦيءَ جي يادگيري اچي وئي. ائين نه پڦيءَ جون گهڻيون ئي يادگيريون ايما جي

ڪو ڪتاب... يا وڊيو تي ڪا فلم ويهي ڏسي... يا سندس گهوٽ جيڪر جلد اچي وڃي ۽ اچي سندس چاچيءَ کي وندرائي. هن واچ ۾ وقت ڏٺو ٻارهن لڳا آهن. هوءَ سوچي ٿي چئين بجي چاچي کي ائرپورٽ تي رپورٽ ڪرڻو آهي. ساڍي ٽين بجي گهر مان نڪري ويندو. چاچو باقي گهر ۾ ٽي ساڍا ٽي ڪلاڪ آهي. اها به سچي ڳالهه آهي ته وري هو اڪيلائي ڪڏهن پاڻ اچي! ٻي هڪ ته رڌڻي جو ڪم اڃا اٿو نه آهي ٻيو ته هوءَ چاچيءَ سان ڪهڙيون ويهي ڳالهيون ڪندي؟ اهو به ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي.

ننڍپڻ ۾ هوءَ چاچيءَ سان الاهي ڳالهيون ڪندي هئي. هو گهر ۾ ڪل پنج ڀاتي هئا. نيدا جا ماءُ، ڀيءُ، سندس ننڍڙو ڀاءُ، هوءَ پاڻ ۽ چاچو! نيدا جي دل ڏاڍيءَ الاهه پيار سان ڀري هئي ۽ چاچي ۾ جنهن جو ساهه آهي، اها ڳالهه ڏاڏاڻن ناناڻن ۾ مشهور هئي.

نيدا اُٻاريل بٽاٽن جون کلون لاهي رهي آهي. اهو ڪم هٿ مڪينيڪل نموني ڪري رهيا آهن. هن جو من رڌڻي ۾ ڪونهي. هن کي ياد اچي رهيا آهن اهي ڏينهن...

شام جو جڏهن وقت چاچس آفيس مان موٽندو هو تڏهن وقت هن کي پريان ايندو ڏسندي هئي ته ساهيڙين جي جهڳٽ مان نڪري ڊوڙي گهر ويندي هئي چاچي کي چانهه ٺاهي ڏيندي هئي. هن جا ميرا ڪپڙا مقرر جاءِ تي رکندي هئي. جڏهن ڏسندي هئي چاچي اخبار يا ڪتاب پڙهڻ لاءِ کنيو آهي تڏهن وري گهر مان ٻاهر وڃي ساهيڙين جي جهڳٽ ۾ شامل ٿيندي هئي.

نيدا کي اهو به ياد آهي ته سندس ماءُ مٿس ڏاڍو ٿي

ماءُ وارن اها ڳالهه ٻڌي ٻيدا اهڙي خوش ٿي هئي جڻ ميري کي رانديڪن ۾ ماڻي ڦري! ننڍپڻ وارو اهو خوشيءَ جو احساس هاڻي به سندس دل ۾ سلامت آهي.

چاچي جي اڳيان ٽڪيون ۽ چٽڻي رکي هوءَ واپس رڌڻي ڏانهن وڃڻ ٿي لڳي. چاچو ٽڪي هٿ ۾ کڻندي چوي ٿو، "ماني کڻي ۽ سادي کارائيندا... هيڏي تڪليف ڇو ٿي ڪرين؟ تنهن کان مون سان اچي ڳالهيون ته ٿي ڪرين...؟"

"هاڻي بس ٻن منٽن ۾ اچان ٿي." چئي ٻيدا رڌڻي ۾ هلي آئي. هوءَ سوچي ٿي ننڍي هوندي ته هوءَ ان ڳالهه لاءِ سڪندي هئي ته چاچو کيس سڏ ڪري پاڻ وٽ ويهاري ۽ ساڻس ڳالهيون ڪري. ڪڏهن ڪڏهن چاچو امڙيءَ کان ٻاهر ويندو هو ته ٻيدا ڏاڍي اداس ٿي پوندي هئي. هر روز ماءُ کان پڇندي هئي ڪڏهن ايندو چاچو؟ سندس ماءُ کلي چوندي هئي، اچي ويندو ان چئن ڏينهن ۾... پوءِ ٻيدا جي پيءُ کي اها ڳالهه ٻڌائيندي هئي. چوندي هئي، هيءَ توهان جي ڌيءُ ته ڏسو چاچي کان سواءِ ڪيئن منجهي پئي آهي. هاڻي چاچوءَ جي جلدي شادي ٿيندي پوءِ هو الڳ وڃي رهندو پوءِ ڇا ڪندينءَ چاچي جي پاڻ ٽي؟... هوءَ وڏي ڦاڪ سان چوندي هئي چاچو جتي به رهندو مان اتي رهندس." هن جو پيءُ مٿي تي هٿ رکي پڇندو هوس، "اسان کي ڇڏي ويندينءَ؟ اسين ته اڪيلا ٿي پونداسين. تنهنجو چاچو ته اسان کي ڇڏي ويندو ۽ تون به..." هوءَ ڪن پل لاءِ خيال ۾ ٻڏي ويندي هئي پوءِ ترت ئي جواب ڏيندي هئي، "اڪيلا ڇو ٿيندا؟ سنيل جو آهي..." اها ڳالهه هن سوچي ڇڏي هئي ته سندس ننڍڙو ڀاءُ سنيل ممي پپا جي حصي آهي.

دل ۾ سانڍيل آهن ۽ هن وقت ڪيس ياد ٿو اچي ته، اڳيءَ ڪيس هڪ دفعي چاچي جي چمچي ڪري سڏيو هو.

ايدا تڏهن ستون درجو پڙهندي هئي. ٻئي ونڻ ڪجهه ڏينهن ٽڪڻ آئي هئي. ايدا کي چاچي عثان اول گهڻو وڻندو ڏسي ڪيس چيو هيائين، "ايدو! تون چاچي جي چمچي خبر اٿئي ڇو ٿي آهين؟ ڇاڪاڻ ته چاچهن توسان لاڏپياڻ ۾ ڏاڍو لاڏ ڪندو هو. تون ته جڏهن ٽڏڙي هئينءَ سال کن جي تڏهن چاچهن اسڪول ۾ پڙهندو هو. اسڪول مان موٽندو هو ته اس ايدو ايدو ڪندو ايندو هو. توکي هنج ۾ کڻي گول گول ڦيرائون پارائيندو هو. شام جي وقت روز توکي گهمائڻ وٺي ويندو هو؛ موڪل ڏيندي سڄو ڏينهن پنهنجي جي سان رکندو هو توکي!" ايدا ٻڌيءَ جي واتان اها ڳالهه ٻڌي اوڏ ۾ پرجي وئي هئي.

ايدا کي خيال ٿو اچي ته ۽ ٿي ڪيئن ٽري چاچي کي ڏيٺي اچان. ايتري سان ڪيئن ڪانڻ ۾ ڪيس مزو ايندو. ڪيئن ٿيءَ ۾ وڃهندي وري ايدا کي پنهنجيءَ ماءُ جي ٻڌايل هڪ ڳالهه ياد آئي. هن ڪيس ٻڌايو هو، "ايدو! تون جڏهن اياني ٽن سالن جي هئين تڏهن ڪنهن ڳالهه تان ايڏو ڪيڙو ڪيو هو جو مون ڪڪ ڏسي توکي چمات هڻي ڪڍي هئي. پنهنجي چاچي اُن وقت هوم ورڪ پيو ڪيو. هوم-ورڪ اڌ ۾ ڇڏي ٻچندو آيو. توکي ٻر چاڻ ٻرياڻ لاءِ گهر کان ٻاهر وٺي ويو. ڪلاڪ کن کان پوءِ تون گهر موٽئينءَ ته توکان ته مهنجي چمات وسري ئي وئي هئي پر پنهنجي چاچي جي دل ٽي اچا پار هو. مون کي چيو هيائين، "ڏسو وري ڪڏهن ايدا کي ڏک هڻندا ته مان ماني نه کائيندو سانو."

پلي چاچو ڪجهہ بہ چوي پيو سمجهي... جيڪي اندر مان دانهن ٿي نڪريس چاچو ڇا سمجهندو هوندو ڇا چوندو... سمجهڻو هجيس ها تہ اُن ڏينهن نہ سمجهي ها؟ اهو ڏينهن جڏهن ڏينهن کان مون سانس ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو هو؟

هوءَ ننڍڙي اَٺون درجو پڙهندي هئي. هڪ ڏينهن چاچو کيس پنهنجي هڪ دوست جي گهر وٺي ويو هو. اُن دوست جي ننڍيءَ جو جنم ڏينهن هو اُن ڏينهن! ٻيدا پاڻ کي خوب اَڇو اُجرو ڪيو. سڀني ۾ سٺو گهاگهرو پاتائين. ماءُ کان پوني-ٽيل ڪرايائين. هوءَ چاچي سان نڪرڻ مهل ڏاڍي خوش هئي. چاچي جي دوست جي گهر هوءَ چاچي کي کلندو ڳالهائيندو، ٽهڪ ڏيندو ڏسي ٺري پيئي. پر ڪيڪ ڪٽجڻ کان پوءِ چاچي جو منهن وسامي ويو، ڪهڙي ڪارڻ اهو ٻيدا کي سمجهہ ۾ نہ آيو. کيس صرف هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ اُن پارٽيءَ ۾ هڪ ڇوڪري هئي، جنهن کي ليمن ڪلر جي ساڙهي پاتل هئي ۽ هار سينگار بہ خوب ڪيل هوس. اُن ڇوڪريءَ چاچوءَ کي الائي ڇا چيو. چاچوءَ کي اهو ڏاڍو خراب لڳو.

چاچوءَ جو مرجهايل منهن ڏسي ٻيدا جو من بہ اُلي منجهڻ لڳو. هوءَ ڪجهہ کائي بہ نہ سگهي. چاچوءَ کيس هڪ ٻہ دفعو چيو بہ... ڪيڪ نہ تہ مٺائي کاءُ. هڪ سئنڊوچ کڻ. پر ٻيدا نہ کائي نہ کاڌو. هن کي خبر نہ پيئي تہ هوءَ کائڻ کان ڇو انڪار ڪري رهي آهي. بس... نہ، نہ ٿو وڻي، ائين چوندي رهي.

جيئن چاچو پارٽيءَ اُن دوست جي گهر مان نڪتا تيئن ٻيدا محسوس ڪيو تہ چاچو ڏاڍي غصي ۾ آهي. چاچوءَ

ٻار چاچي جي حصي...

ايما جي ماءُ سندس اِن سوچ تان کلندي هئي. هڪ دفعي کيس اِئين به چيو هئائين، ”ڇوري ڇوڪري، چاچي ۾ ايڏو موهه نه رک. چاچي ٿوروئي توکي ٻار سان رهائيندي!“

ايما جي عمر هئي اُن وقت ٻارهن سال. هن کي ڪهڙي سمجهه ته چاچي کيس ڇو نه رهائيندي.

اڄ به ايما کي اڻويهه سال اڳ جون چٽيون يادگيريون آهن. ٻار به ساڳي ايما آهي ۽ سندس اهو چاچو به ساڳيو آهي. هو سندس گهر ۾ ويٺو آهي. کيس سڏ ڪري رهيو آهي ته اچي منهنجي سامهون ويهه ته ڳالهه ڪريون پر هن جي من ۾ ڪا اٽڪ آهي جنهن جي ڪري هوءَ چاچي جي سامهون وڃي نه ٿي ويهي. زندگي جو ڪم به ختم ٿي ويو آهي. هوءَ ٻالڪپڻ ۾ اچي ويٺي آهي. کيس ياد ٿو اچي ته ٻار جڏهن نائون درجو پڙهندي هئي تڏهن چاچي وڃي پرديس وسايو هو. هو چوٿين اڻٽيهن سال پوءِ ايندو آهي. ڪڏهن اڪيلو ته ڪڏهن زال ۽ ٻارن سوڌو. هن کان اڳ ته چاچو ايما جي گهر آيو آهي ته زال ۽ ٻارن سان گڏ هوندو آهي ته گوڙ گمبوڙ ۾ ايما جو وقت پئي لمحن گذري ويندو آهي. هن دفعي چاچو اڪيلو پرت آيو آهي.

ايما کي ٻالڪپڻ ۾ اهڙي خيال ٿو اچي ته جيڪڏهن چاچو مون کي زندگي ۾ نه ڏسي ايما ايما ڪندو ٻالڪپڻ ۾ اچي ٿو ته... ڇا چوندو؟ مان وٽس وڃي ڇو نه ٿي ڳالهيون ٻولهيون ڪريان؟ ٻار کي ٻاٽهي جواب ٿي ڏئي

ٻاهر نڪتو ته ٻيدا جي دل کي هيڪاري هلڪائي محسوس ٿي هئي... ماءُ کان ماني گهري کاڌائين ۽ چاچي جي موٽڻ کان اڳ ئي وري اسٽري تي ليٽي پئي هئي. ائين ڏ ٻڪاري ڏنائين جڻ ته ڪيس ننڊ آهي. چاچس کي عادت هئي رات جو ننڊ اچڻ کان اڳ، پٽي وساڻي اسٽري تي ليٽي گڻگڻائيندو هو. ڪڏهن فلمي گانا ته ڪڏهن ٻيا ڪي. چاچي جو اهو گڻگڻائڻ ٻيدا لاءِ لوليءَ مثل هوندو هو. پر اُن ڏينهن ٻيدا کي چاچي جو گڻگڻائڻ نه وڻيو هو. هوءَ چاهي پئي چاچو گڻگڻائڻ بند ڪري ته هوءَ سمهي پوي...

ٻيدا اهو ڏينهن ياد ڪري اُڌو ساهه ٿي ڀري! ڪيئن هوءَ سڏڪي سڏڪي سانت ٿي وئي هئي...

هوءَ واچ ۾ وقت ٿي ڏسي... هڪ لڳو آهي. سوچي ٿي هاڻي سڀتو اچي وڃي ته ٻيئي گڏجي ماني کائين. پوءِ چاچو خير سان روانو ٿئي ته مان سمهي پوان. هوءَ پاڻ کي اڪيل ٿي سمجهي. □

ٽئڪسي بيهاري ۽ ايدا کي ٻانهن کان ڇڪي زور سان اندر ٽئڪسيءَ ۾ ڌڪيو. جيئن ٽئڪسيءَ هلڻ شروع ڪيو تيئن چاچي چوڻ شروع ڪيو. بدفضيلت... ڪيڏانهن وڃي هلڻ جي لائق ڪاله آهين. ڪجهه ته ڪاڻين ها... دوست جي گهر منهنجو چيو ته مڃي تو منهنجي بي عزتي ڪئي آهي... توکي ڪيڏانهن به پاڻ سان نه وٺي هلندس..

ايدا جي اکين مان ڳوڙها ٽپي نڪتا پر چاچو غصو ڪرڻ ۾ پورو هو. ايدا اٿري ته ٻير هارايو جو سندس منهن نه. چا فراڪ به آلو ٿي ويو. ٽئڪسي ڊرائيور پنهنجي سامهون واري آئيني مان ايدا کي ڪيتري دير کان ڏسي رهيو هو. نيٺ هن کان رهيو نه ٿيو. هن منهن ورائي چاچا کي چيو، ”صاحب! هاڻي غصو بند به ڪر. ڏس ته سهڻي ٻارڙي ڪيئن پئي ڳري...“

هوءَ گهر پهچي سڌو وڃي هوم ورڪ ڪرڻ ويٺي هئي. هوم ورڪ پورو ڪرڻ بعد ڪتاب هٿ مان نه ڇڏيائين. هن کي ياد ٿو اچي ته انگريزيءَ جو هڪ سبق پنجاه دفعا پڙهيو هوندائين. سندس ممي پيا سمجهيو هوندو ته ڪا ٽيسٽ هوندس.

ايدا جي ممي جڏهن ڪمس رات جي مانيءَ لاءِ سڏ ڪيو ته ماءُ کي چيو هئائين، ”پيٽ ۾ سور آهي پيپرمنٽ ڏي. ماني نه کائيندس.“ پيپرمنٽ پي هوءَ پنهنجي بستري تي ليٽي پئي هئي. گهر جي سڀني ٻالين ماني کاڌي. چاچو به ماني کائي هواخوريءَ لاءِ ٻاهر هليو ويو. اهو پهريون دفعو هو ايدا چاچي جي ٻاهر وڃڻ تي دل ۾ خوش هئي. هوءَ چاهيندي هئي ته رات جي روٽي کائڻ بعد چاچو گهر ۾ ئي ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪري ان ڏانهن چاچو گهر کان

هٿ اوڏي ڪيس ڪيڪاريو. ٽرين اڃا پوريءَ طرح بيٺي نه آهي ته سيتل صبر نه ٿو ڪري سگهي. هو ڊڪي گنگا واري گاڏيءَ ۾ چڙهي ٿو پوي. ٽپڙ کي ملندي هن سان ول وانگر وچڙي ٿو وڃي. گنگا ڪيس مٿي تي هٿ رکي وري ڪلهن تي هٿ رکيا. پوءِ پڇيائين، "ڪيئن آهين سيتل؟ پاپي ڪيئن آهي؟"

سيتل سندس سامان هٿن ۾ کڻندي چيو، "مان ته بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان. باقي تنهنجي پاپيءَ کي تون گهر هلي ڏس ته ڪيئن آهي."

گنگا چيو، "مون سمجهيو پاپي به اسٽيشن تي ايندي وٺڻ."

سيتل دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن مان زال کي چوان ها، هل گنگا کي وٺي اچون ته هوءَ ضرور اچي ها. پيو ڏينهن گنگا جي تار ملي ته هوءَ بامبيءَ اچي رهي آهي. اُن مهل کان سيما جو منهن البت سرهو ٿي ويو هو. سيتل جو رات ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ويو هو. هونءَ ته هميشه زالس جي چهري تي مردني ڇانيل هوندي آهي. هو هڪ ٻئي ۾ خاص ڪجهه ڳالهائيندا ٻولهائيندا به ڪونه؛ گهر مان گڏ ٻاهر نڪتي ته ڪين سال سوا ٿي ويو هوندو!

پليٽفارم پار ڪندي سيتل ۽ گنگا هڪ ٻئي کان ٻارن جو احوال ورتو. بامبي سينٽرل اسٽيشن جي ٻاهران ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کانپوءِ سيتل ٽپڙ کان پڇيو، "ٻڌاءِ ته سهڻي تو پاڻ کي ڪيئن ياد ڪيو؟ اما جي گذرڻ کان پوءِ پهريون دفعو آئي آهين. مون توکي ڪيترا دفعا لکيو اچ اچ.."

گنگا چيو، "تون ته گهٽ ٿي لکندو هئين اچ ائين مون

هوا جو جهونڪو

سيتل راجڌاني ايڪسپريس ٽرين ايندي ڏٺي ته پنهنجي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر اڀرندي محسوس ڪيائين. اس هاڻي ٻن چئن منٽن ۾ ٽرين پليٽفارم تي اچي پهچندي ۽ پيٽس گنگا هن ٽرين مان لهندي. انڪل پنجن سالن کان پوءِ هو پيٽ کي ڏسندو. اڄ هن کي عجب ٿو لڳي ته هو پيٽ کي ڏسڻ کان سواءِ هيترا سال ڪيئن رهي سگهيو آهي. اها ٽي پيٽ جنهن کي ايندي هوندي ته هڪ ڏينهن به ڪيڏانهن وڃڻ نه ڏيندو هو. چوندو هوس مون کي آمليٽ ڪير ٺاهي ڏيندو؟ ۽ يونيفارم ڪير استري ڪري ڏيندو؟ پاڻ ڪاليج ۾ پڙهندو ته پيٽس گنگا نوڪري ڪرڻ لڳي هئي. پوءِ ته سيتل جي چاندي هئي! 25 رپيا خرچي پاڻ وٺان ٿي، اهڙا 25 رپيه گنگا وٽان به ملي ويندا هئس. رات جو گهر دير سان موٽندو هو ته ٿورو ٿي کيس روٽي گرم ڪري ڏيڻ لاءِ جاڳندي هئي! ها... باقي صبح جو اخبار جي ڳالهه ٽان پئي جهڳڙا روز وڙهندا هئا. گنگا چوندي هئي پهرين مان پڙهان ۽ سيتل چوندو هو ته پهرين مان پڙهان... اهو جهڳڙو وري ايئن نبيرندو هو جو سندس ٻئي ڪاڻ اخبار وٺي پڙهڻ لڳندو هو. چوندو هوس، "توهين وڏي وٺو، ٽيتر مان هيڊلائينس ڏسي وٺان."

ٽرين پليٽفارم تي اچي وئي آهي. جيئن ٿي سيتل جي نظر گنگا تي پيئي ٽيئن ئي هن سڏ ڪيو، "گنگا". گنگا به

ٿي اڙهي هئي. پوءِ شادي ڪري وڃي دهلي وسائي هئائين.

ٽئڪسي حاجي علي وٽان لنگهي رهي آهي. سامهون سمنڊ ڏسي گنگا کي ياد ٿو اچي ته، ڪيئن سمنڊ جا ڪنارا ڪيڏا نه وڻندا آهن! ڪاليج جي زماني ۾ گهڻائي دفعا پنهنجن سائين ساهيڙين سان سمنڊ ڪناري ايندي هئي. هو خوب ڳالهيون ڪندا هئا... سپنا ڏسندا هئا آئينده جا! ڪڏهن ڪين خيال ٿي ته آيو هو ته ڪڏهن ته، حياتيءَ ۾ ڪي اهڙيون به الجهنون اينديون آهن جن جو سلجهڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي! وقتي ته ناممڪن! هن اهڙي حياتي لاءِ ٿي گذرندي هلڪن قدمن سان هلندي جيئن اُن وقت گذري رهي هئي. سمنڊ ڪناري ٻار جيئڻ سان ڳالهيون ڪندي... اوهيپٽا ڪائيندي!

گنگا کي چپ چاپ ٽئڪسيءَ جي دريءَ مان ٻاهر نهاريندو ڏسي سيتل ششدر ٿي ويو. هن سوچيو ماءُ جهڙي ڀيڻ آئي آهي دهليءَ کان کهي... دل ئي دل ۾ پاڻ سان انجام ڪري چيائين، ”گنگا! توسان کليءَ دل ڳالهائيندس. چئه توکي ڇا ڇوٽو آهي؟“

سيتل جي ڳالهه ٻڌي گنگا مرڪي هن طرف نهاريو. پوءِ پنهنجو ساڄو هٿ اڳو ڪيائين جيئن سيتل به پنهنجو ساڄو هٿ اڳو ڪري هن جي هٿ سان تاڙي وڄائي. هو جڏهن به ڪو هڪ ٻئي سان انجام ڪندا هئا يا ڪنهن ڳالهه تي سهمت ٿيندا هئا ته ائين تاڙي وڄائيندا هئا!

سيتل ڀيڻ جي هٿ تي تاڙيءَ جو ٺهڪو ڪندي چيو، ”ٻڌاءِ ڀيڻيوئي صاحب جي وڪالت ڪيئن پئي هلي؟“

کي گهر مان نڪرڻ جي سهوليت نہ هئي ۽ انهن سمجهيو تہ منهنجو اهو ويچار هو تہ مان گهر مان نڪرندس تہ گهر ڀڄي ويندو.”

”تہ هاڻي تنهن آسي اٿئي تنهن ڪري اي اوني ٿي نڪتي آهين؟”

”نہ سيتل... مون کي خاص ڳالهہ ٻڌائڻ وٽي آئي آهي. توسان هڪ اهم ڳالهہ ڪرڻي اٿم.”

سيتل جي منهن جو رنگ اڏامڻ لڳو. هن کي شڪ تہ اڳ ئي هو تہ گنگا تائين اها ڳالهہ پهچي چڪي آهي تہ ٻاڻ ۽ سيما اصل نہ ٽا نهن. سندي مٽن مائٽن ۾ اها ڳالهہ ڦهلجي پئي وئي.

گنگا سيتل کي منجهيل ڏسي چيو، ”پاڻ مون سان کليءَ دل ڳالهائڻ. پاپيءَ جي سامهون تہ ڳالهائڻ ڏکيو ٿيندو. هن سان وري سڀاڻي جڏهن تون آفيس ويندين تڏهن ڳالهائينديس.”

سيتل جو منهن سفيد ٿي ويو. هن چيو، ”تہ تون اهو مون کي سمجهائڻ آئي آهين. تو بہ اهو ٻڌو آهي تہ منهنجو ڀاءُ بدچلن ٿيو آهي. روز هڪ پرائيءَ عورت وٽ ويندو آهي. ان ڪري منهنجي ڀاڀي اڌ چري ٿي پئي آهي.”

سيتل جي تلخ لهجي گنگا کي مايوس ڪيو. ڀلا هوءَ ڀاءُ کي سمجهائي! هن دريءَ کان ٻاهر نهاريو. سوچيائين سيتل پنهنجي ڀاڻيءَ ۾ اڃي لمسين ڀيڻيءَ کي ’هيلو‘ چئي وڃان. هوءَ هن شهر ۾ ڄائي نپني هئي. اسڪول ڪاليج هئي

سيتل کي خواب خيال ۾ به ڪين هو ته هي ٻئي ٻران ڀاڄائي هن نموني هڪ ٻئي سان ملندا هون. هن محسوس ڪيو ڄڻ گهڻي وقت کان پوءِ گهٽيل ٻوساٽيل گهر ۾ هوا جو جهونڪو گهڙي آيو آهي. هن کي پنهنجو پاڻ تان عجب لڳو جڏهن هن سيما کي چيو، "گنگا کي ڪجهه کارائي پيئار ته سهي!" گهڻي وقت کان پوءِ هن زال سان اهڙين ساڌارڻ نموني ڳالهايو هو.

سيما ٽپ ڏئي اٿي. هن پنهنجيءَ ڪڪيءَ لاءِ سندس پسند جون شيون تيار ڪيون هيون. هوءَ جهٽ رڌڻي مان ڪٽورا، ڪپ ۽ مٺائي کڻي آئي. گنگا جي اڳيان ننڍيءَ ميز تي پليٽون رکندي چيائين، "ڪڪي! هٿ منهن ڌوئڻو هجيئي ته سندن جاءِ ۾ تو لاءِ نئين ڪن صابڻ وغيره رکيو آهي."

گنگا سانت جو ساهه کنيو. ڀاڀي کيس اهڙو ئي پنهنجو سمجهي رهي آهي جهڙو سمجهندي هئي!

شام جا ڇهه لڳا آهن. سيما ۽ گنگا هال ۾ چانهه پي رهيون آهن. هي سندن چانهه جو ٻيو دور آهي. پهرين چانهه ٽنهين گڏ پيتي هئي. سيتل ٻاهر وڃڻ لاءِ سنبري هال ۾ آيو. گنگا طرف نهاري چيائين، "مان ڪلاڪ کن ۾ اچان ٿو."

سيما کي هردي جي سموري ڪوڙاڻ ڪڍڻ جو وجهه ملي ويو. هن سيتل کي چيو، "ٻڌڻ کي ٻڌائي ته وڃ ڪيڏانهن ٿو وڃين. ڇڏس ته ٽئون عشق ڪيو اٿم. منهنجي مومل منهنجو انتظار ڪندي هوندي. مينهن هجي يا واچ مون کي ساڍي ڇهين ٻجي اتي پهچڻو ئي هوندو آهي."

سيتل پنهنجا واڇ اندر ڏند ڪرٽيا... ظاهري زال جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري وري گنگا کي چيائين، "ساڍي ستين

”ٺيڪ پنجي هلي ۽ ١٩٨٥ ڌاري جيڪو وڪيل جي حيثيت ۾ رعب آسوائيءَ جو هو سو البت هاڻي ڪونهي. ڪمائي ۽ اوري گهٽجي وئي آهي.“

”ڇو؟ ١٩٨٥ کان پوءِ ڇا ٿيو آهي؟“

”١٩٨٥ ۾ ڪجهه اهڙو ٿيو ..“ گنگا ٿڌو ساهه ڀريو. ڪن ترسي چيائين، ”توکي ياد آهي سيتل، پنهنجيءَ ساهيڙيءَ پميءَ سان مون شرط لڳائي هئي ته منهنجو زندگيءَ ۾ مڙس سان ڪڏهن جهيڙو نه ٿيندو... اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا پيار ۽ ڪليءَ دل سان سمجهائجي ته مڙس نه سمجهندو؟“

سيتل حيرت وچان گنگا جي منهن ۾ نهاري ٿو.

گنگا ڳالهه کي جاري رکندي چيو، ”اها شرط مون پميءَ سان نه پر پاڻ سان لڳائي هئي پر هارائي ويٺس.“

”پر ٿيو ڇا؟“ سيتل پڇيو.

ٽڪسي دادر پار ڪري رهي آهي. شواجي پارڪ تي نظر وجهندي گنگا چيو، ”اها پنهنجيءَ هار جي ڪهاڻي توکي ٻڌائيندس. هاڻي گهر پهچڻ ۾ پنج منٽ مس لڳندا.“

سيتل ۽ گنگا گهر پهتا ته سيما ٽران کي ڇڏڙي رونڊ ۾ اچي ڇڙڪي. چيائين، ”ڪڪي! تون ڪٿان اسان وٽ پهتي پيئينءَ، مون ته سمجهيو ته تون به مونکي جيئري ئي مئو سمجهائي ڇڏيو آهي.“

گنگا سوفا تي ويٺي. ڀاڄائيءَ کي پاسي ۾ ويهاري پنهنجيءَ ساڙهيءَ جي پلئه سان هن جا ڳوڙها اگهيائين. پوءِ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ٻئي هٿ سان ڪيس ٻانهن تي ٿڌڙا ڪلهڻ لڳي.

نهاري حيرت مان چيائين، ”آسراڻي ... آسواڻي ... “

”هن جي آفيس ۾ هڪ ٽائيپسٽ ڇوڪري هئي سدا نالي. اسان جي ڏيءُ جيڏي هئي. آسواڻيءَ جو هن ۾ اَهڙو موه پئجي ويو جو ڇنڇر آرتوار به گهر ۾ وڏي پوندا هئس. منهنجيءَ دل ۾ اِهو خيال ڪڏهن نه آيو ته ڪو آسواڻي سدا کي ميريءَ نظر سان تو ڏسي پوءِ به مان ڏايي جلندي پجرندي هئس. آسواڻي گهر ۾ هوندو هو ته لڳندو هوم ته هو سدا لاءِ پيو سوچي يا هن کي پيو ياد ڪري. “

”سدا اَجا ڪم ڪندي آهي آسواڻيءَ وٽ؟ “ سيما فڪرمند ٿيندي پڇيو.

”نه ... ١٩٨٧ ۾ پارٽ ٿي هن کي بئي هند سٺي نوڪري وٺي ڏنائين. پوءِ ڇوڪرو ٽائيپسٽ رکيائين. پر اُهي ٻه سال مون جنسي نرڪ ۾ گذاريا. مينوپار جي به اُنهن ڏينهن ۾ تڪليف وڏيڪ هئي. اَصل پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. “

سيما جي اکين مان وري پاڻي ڪرڻ لڳو. سڏ ڪندي چيائين، ”منهنجو به ته اِهو ئي حال آهي. ڏاڍي نڌڻڪائي ٿي محسوس ٿئي. سڄو ڏينهن سوچيان مون ۾ ڪهڙي ڪمي آهي ... “

گنگا ڀاڄائيءَ جي ڇپن تي هٿ رکي چيو، ”ڪا به ڪمي ڪانهي تو ۾! سيتل خوشنصيب آهي جو تو جهڙي جيون ساٿڻ ملي اٿس. “

وڏيءَ نران وٽان قدرداني پائي سيما جي اکين مان لڙڪ وڏيڪ تيزيءَ سان ڪرڻ لڳا. روئڻ من لاءِ رواجي ڳالهه ٿي بيٺي هئي پر اَجوڪا لڙڪ سندس اَندر ۾ لڳندڙ لڪ جي تپت کي گهٽائي رهيا آهن. سيما کي ڪو خيال ٿو اچي سو

"اُتي ٽائين اچي ويندس،" پوءِ هٻڪندي هٻڪندي پُٺوُن
قدمن سان گهر مان نڪري ويو.

سيتل جي وڃڻ کان پوءِ ٿوري دير لاءِ هال سُن ٿي ويو.
گنگا ۽ سيما پنهنجي سوچ ۾ ٻُڏي ويئون ته ڳالهائڻ جو سلسلو
وري ڪيئن شروع ڪن. سيما مُنهن پنهنجي پاسي ڪري دريءَ
کان ٻاهر نهارڻ لڳي. گنگا هال ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظرون
ڦيرائيندي ڏٺو ته هال جي ڇت ٽوٽي پئين تـي جارا نظر
آيس. فرش جي ڪنارن تي به ڪافي مٽي جمع هئي. پردا
به ميرانجهڙا هئا ۽ سامان سڄو به اڻ ترتيب نموني پيو هو.
گنگا جي دل کي چوٽ لڳي. هن کي ياد آيو ته سيما کـي
صفائيءَ جو ڪيڏو جنون هو جو سڀڪو ڪيس چيڙائيندو هو تـ
جڏهن ڏس تڏهن ٻهارو ۽ ڊسٽر سيما جي هٿ ۾ ڪيڏو
مجهيل آهي سيما جو من...
نيٺ گنگا ماٺ ٽوڙي. هـن پڇيو، "ڀابي! ڪٿهن وٽ
ويندو آهي سيتل؟"
"ڪٿي اٽائين ڪا پارسياڻي ساهيڙي... نرگس نالـي.
نوڪري ڪندي هئي ته هن سان روز ڇرچ ڪيت ٿي ملندو
هو. هن نوڪري ڇڏي ته هاڻي هن جو مُنهن ڏسڻ لاءِ روز
هن جي گهر ويندو آهي."
"ٻارن ٻچن واري آهي؟"
"نـ. هن شادي ڪانه ڪئي آهي. اڪيلي رهندي آهي
باندرا اسٽيشن جي سامهون."
"گنگا ڏاڍي گنڀير نــوع ۾ پڇيو، "ڀابـي! اڄ جيڪا
اوهانجي حالت آهي اُهـا حالت مونهجي ٿي ١٩٨٥ ۾."
سيما کان ڇرڪ نڪري ويو. سندو گنـگا جــي مُنهن ۾

ڪا جوابداري... پلنگ تي آهلندي وري سوچيائين، ”آسوائيءَ ۽ ٻارن کان سواءِ ڪيئن وقت گذرندو؟“

اُتي ئي سندس ڌيان ڪمري ڏانهن ٿو وڃي. هي اهو ئي ڪمرو آهي جتي هوءَ ڪنواري هوندي سمهندي هئي. تنهن وقت سيتل وانگر هي گهر سندس به هو. پوءِ آسوائيءَ سان شادي ڪيائين ته ڪيس نئون گهر مليو. هوءَ سوچي ٿي ڪيڏو گهرو آهي شاديءَ جو سنبنڌ! ڪو سمنڊ به هوندو ايڏو گهرو؟

ٻئي ڏينهن منجهند جو... نٽراج هوٽل جو دلفريب ماحول. ٻيرو ماني ميز تي رکي ويو. گنگا سلاد کائڻ سان شروعات ڪئي. ڀاءُ کي چيائين، ”سيتل جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين تڏهن سنڪار جهڙيءَ ريسٽورنٽ ۾ ٻه اتفاق سان ويندا هئاسين. اسين پنهنجن مائٽن کان وڌيڪ آسودا آهيون.“ ”ها“، سيتل سوپ پي رهيو آهي. چوي ٿو، ”باباجن ويچارا ته رٽائر ڪرڻ تائين به ڪجهه پنهنجي لاءِ اَفورڊ ڪري نه سگهيا.“ ”۽ اَسين ڏس... اَڄ به ٽي سؤ ته ٻل ڀرينداسين نه لنچ جو.“ سيتل کلي چيو، ”اَري توسان لنچ کائي رهيو آهيان. ڪلاڪ کن آمهون سامهون ويهي ماني کائڻ سان گڏ ڳالهيون ڪنداسين. اُن سک اڳيان ٻه ٽي سؤ جي ڪا قيمت آهي؟“

گنگا سوپ جو پيالو رکي ڀاءُ جي هٿ مٿان هٿ ٿي رکي. آهي ته ڏينهن ڏنو پر ايئرڪنڊيشن هئڻ سبب هال جا در ۽ دريون بند آهن... هرهڪ ميز جي مٿان زيرو بلب ٻري رهيو آهي. ڏينهن به ڄڻ رات جو ڏيک پيو ڏئي! سافٽ

اوچتو روئڻ بند ڪري گنگا ڪان پڇيائين، "هاڻي آسواڻي توسان ڇڱو هلي ٿو؟"

"ڇڱو ته تن ڏينهن ۾ هلندو هو. مون کي ڪڏهن ڪا تڪليف ڪانه ڏني اٿائين." ڪن سانت رهڻ بعد گنگا چيو، "ڀاڀي! هاڻي سوچيندي آهيان منهنجو جلڻ اجايو ٻڄرڻ هو. منهنجي جلڻ سان آسواڻيءَ جي من مان سدا لاءِ موهه نڪري ويو ڇا؟"

سيما کي سمجهه ئي نه ته گنگا کي ڇا چوي! هن کي نئين ڳالهه سوچڻ لاءِ ملي ويئي ته گنگا جي رنج ٿيڻ سان آسواڻيءَ جي من مان سدا لاءِ موهه اُڏامي نه ويو. مطلب مان به ڪيترو به ڪٽي سڙان يا روئان سيتل جي من مان نرگس لاءِ پيار اُڏامي ٿورو ئي ويندو؟"

اِها ڳالهه سوچي سوچي سيما جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويو.

ستين ٻجي ڌاري سيما رات جي ماني ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ گهڙي ته گنگا به سندس پٺيان آئي. چيائين، "ڀاڀي، ڇا رڌڻو آهي... ڀاڄيون مون کي ڏي ته ڪٽي ڇڏي ڏيانءِ." سيما گهڻي پيار سان چيو، "نه ڪڪي! قسم آهي جو ڪنهن ڪم کي هٿ لاتو اٿئي. سالن کان پوءِ آئي آهين پيڪن. سو به رڳو ڇهن ڏينهن لاءِ. چار ئي ڏينهن توکي تنهنجي پسند جون شيون رڌي کارائينديس. وڃ وڃي بيڊروم ۾ آرام ڪر. هيڏي مسافري ڪري آئين آهين."

ڀاڄائيءَ وٽان ماءُ جهڙو پيار پائي گنگا جي دل خوشيءَ ۾ اُڀامي پيئي. هوءَ بيڊروم طرف ويندي ٻاڻ ڪسي ڇوڙڻ لڳي... گنگا هتي چار ڏينهن آرام ئي آرام. نه ڪو اونو نه

سان توکي پنھنجو آزمودو ٿي ٻڌايان. مون ڪالھ ڀاڀيءَ سان سڌا جي ڳالھ ڪئي ھئي..."

سنيل ننھن سوسڙي ليمي ٻيل پاڻيءَ سان ھٿ ڌوئندي چيو، "سيما مون سان ڳالھ ڪئي ھئي..."

ٻہ ٽي منٽ ٻئي ڀاءُ ڀيڻ چپ ٿي ويا. ھڪ ٻئي جي سامھون ويٺل ھوندي بہ ھڪ ٻئي کان دور ٿي ويا. پنھنجن ويچارن ۾ گم. گنگا پنھنجي گھوٽ بابت سوچڻ لڳي تہ ھن اڃا لنچ ڪاڍي ھوندي الائي نہ... سيتل کي وري خيال ٿو اچي تہ گذريل ڇھن اٺن مھنن ۾ سيما ڪيڏي نہ لھڪارجي وئي آھي!

"ڪجھ ٿڌو يا گرم" بيئري اچي پڇيو.

بيئري جي سوال سيتل ۽ گنگا کي من جي دنيا مان ٻاھر آندو.

سيتل ڀيڻ کان پڇيو، "ڪافي پيئون؟"

"ھا مزو اچي ويندو." گنگا ٻارن وانگر خوش ٿيندي چيو. ڪافي پيئندي ھنن گھڻيئي وڻندڙ ڳالھيون ڪيون. ٻہ ٽي ننڍپڻ جا واقعا ياد ڪري خوب کليائون ۽ پوءِ بل ڏيئي ھوٽل مان نڪري آيا.

ٽن ڏينھن بعد...

راجڌاني ايڪسپريس ڇٽڻ ۾ ٻہ چار منٽ پيا آھن. سيتل ۽ سيما گاڏيءَ مان لھي پليٽفارم تي ٿا بيھن. گنگا ڀاءُ ڀاڄائيءَ سان موڪلائڻ لاءِ گاڏي جي دروازي وٽ بيٺي آھي.

سيما نران جو ھٿ پنھنجي ھٿ ۾ جھلي پڇي ٿي، "وري ڪڏھن ايندينءَ؟"

"ھاڻي سوچيو اٿم سال ۾ ھڪ دفعو اچان. مون کي سچ پچ ڏاڍو مزو آيو."

ميوزڪ هلي رهيو آهي. سيتل ۽ گنگا ڳالهيون ڪرڻ سان گڏ ميوزڪ ڏانهن به ڪن ڏيئي رهيا آهن.

سيتل ماني کائڻ لاءِ پليٽ پاڻ ڏانهن سيريندي چيو، "ٻڌاءِ تون مون کي ڇا ٿي چوڻ چاهين؟ جيئن مون کي چيو اٿئي دل کولي ڳالهاءِ تيئن تون به دل کولي ڳالهاءِ."

گنگا چيو، "سيتل! مان توکان پڇڻ ٿي چاهيان ته پاپيءَ جو دک گھٽائڻ لاءِ تون ڇا ٿو ڪري سگھين؟"

"مان ڇا ڪريان تون ٻڌاءِ. دک ته هن پنهنجي من سان پاڻ ئي پيدا ڪيو آهي! مان ته ساڳيو ئي آهيان سنڌس سيتل."

"برابر" گنگا ڪنڌ ڌوڻيندي سيتل جي پليٽ ۾ ماني وجهڻ لڳي.. پوءِ پنهنجيءَ پليٽ ۾ ڪاڌو رکندي چيائين، "پاپي هن وقت ان حال ۾ ڪانهي جو توکي سمجھي سگھي."

"ڇو نه ٿي سمجھي سگھي؟ مڙس کي ايترو به نه سمجھجي؟ هيڏي تنگدلي نهي ٿي؟"

گنگا سيتل جي پليٽ ۾ مڇيءَ ٽڪر رکندي چيو، "ڀاءُ! من ۾ هڪ عجيب ماجرا آهي. توکي نرگس سان ملڻ ۾ خوشي ٿي محسوس ٿئي اها ساڳي ڳالهه پاپيءَ جي من ۾ دک ٿي پيدا ڪري... آهن ٻئي ڀاو من جا! ڪنهن جو اختيار آهي من جي ڀاونائن تي؟"

سيتل مڇيءَ مان خالي ڪنڊو ڪڍي پليٽ ۾ رکيو. پوءِ گنگا ڏانهن نهاري چيو، "تون ته چوندي آهين خراب خيال اچن ته انهن کي ڪچرو سمجھي اندر مان ڪڍي ڇڏڻ گھرجي."

گنگا گنڀير ٿي ويئي. مانيءَ جو گرھ هٿ ۾ هوس سو واٽ ۾ وجھي چيائين، "سيتل! مان ائين چوندي هئس ۽ اڄ

گـل

گـلن وارا ننڍڙا نينگر! تنهنجون شڪايتي اکيون منهنجو پيڇو ڪري رهيون آهن. هر روز ڪنديون آهـن. شڪايت سان گڏوگڏ تنهنجي اکين ۾ سوال به آهي. اِهو ئي ته اَڄڪلهه گل ڇو نٿي خريد ڪريان؟ ٻه اَڍائي سال لڳاتار مان توکان گل خريد ڪندي رهي آهيان. تون مون لاءِ تـازا گـــل ڳولهي رکندو آهين. مان ڏسندي به آهيان گلن کي، پر تو وٽ اَچڻ بجاءِ تڪڙي تڪڙي سٽيشن اندر گهڙي ويندي آهيان. ذري گهٽ ڊوڙون پائيندي ٽئين نمبر پليٽفارم تـي بيٺل لوڪل ٽرين ۾ اَچي وهندي آهيان. ٽرين وئي. ٽي. طرف هلڻ شروع ڪندي آهي. پر منهنجو من تو طرف موٽـــڻ لـڳندو آهـي. اکين اڳيان گل تري ايندا آهن.

اَڄ به اِئين ٿي رهيو آهي - روز وانـگر. تون سوچيندو هوندين ته گل نه خريد ڪريان ته نه سهين، پر گل نــه خريد ڪرڻ جو توکي ڪارڻ ٻڌايان!

دل مونکي به ٿي آهي، ته هوند منت هڪڙو ٻيهي توکي ٻڌايان ته مان گل ڇو نٿي خريد ڪريان. پر هڪ هوندو آهي ٽرين گسائڻ جو ڀؤ ۽ ٻيو ڀؤ آهي... ٻيو ڀؤ آهي ته توکي نيٺ ڇا ٻڌايان، ڪيئن ٻڌايان؟ ڪهڙا لفظ ڪٽي، ڪيئن سٺون ٻڌان؟ تنهنجيءَ ننڍڙيءَ دل کي هيءَ ڳالهه وڻي ته نه لـڳندي؟ ۽ ڇا ضروري آهي؟ نيٺ به تون منهنجو ٿين ڪير؟ بس اِهو ئي آهي نه قصو، ته مون توکان به اَڍائي سال سانده گـــل

”ٻئي دفعي آسانيءَ کي به وٺي اچجانءِ.“

”مان هن کي تنهنجي نينڊ ٻڌائيندس.“

گاڏيءَ چرڻ شروع ڪيو. سيما هڪ ٻه قدم گاڏيءَ سان وڌڻ کان پوءِ لاچار نران جو هٿ ڇڏيو.

سيتل ٻڪي وڃي پيرڻ جا پير ڇهيا!

جڏهن گاڏي پليٽفارم ڇڏي ويئي ۽ گنگا اکين کان اوجهل ٿي ويئي تڏهن سيتل ۽ سيما هڪ ٻئي طرف نهاريو. هاڻي کين پنهنجي گهر وڃڻو هو. مهيم!

”هوءَ گلن واري؟“

تو ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ ڪئي. مون هڪ نگاهه تنهنجيءَ ماءُ تي وڌي. وري تو ڏانهن نهاريم. پيرن کان وٺي پيشانيءَ تائين توکي جاچيم. تنهنجو عضوو عضوو ڄڻ گلن واريءَ جي ممتا سان سينگاريل هو. ڳهريون اکيون، سڊول صاف پير ۽ ممتني چست هٿ.

مونکي دير ٿي رهي هئي آفيس ۾. تنهن ڪري اُن ڏينهن مان پري کان ئي تنهنجيءَ ماءُ کي سلام ڪري هلي ويس. پوءِ هن سان به ڳالهائڻ ٿيو هو منهنجو. سندس ڪجهه ڳالهيون ٻڌڻ بعد هڪ ڏينهن مون کيس چيو هو، ”تون گلن بجاءِ ٻيو ڪجهه وڪڻ، گلن مان ڪهڙي ڪمائي ٿيندي هوندءِ. گل ضرورت جي چيز ٿوروئي آهن!“

”آهن آهن، ضرور آهن. ضرورت جي چيز آهن گل. گلن جو وڪرو بند نه ٿيڻ کپي. مان ته گل ئي وڪڻندي رهنديس.“

هنجي ڪاري، گهنجيل چمڙي چلڪي پيئي هئي، گلن جي ڳالهه ڪندي. اکين ۾ ڏک ۽ نراسائي پرجي آئي هئس. مون ڏانهن نهاريندي ڄڻ چيو هئائين، توکي به گل ضرورت جي چيز نٿا لڳن!

مان ٿوري منجهي پيئي هئس. اُن ڏينهن ترين ۾ اهو ئي سوچيندي پئي ويس ته تنهنجيءَ ماءُ جي اکين ۾ نراسائي ڪهڙي ڪارڻ پرجي آئي. گل ضرورت جي چيز آهن، اهو مان نٿي سمجهان، اِن ڪري؟ مان وي. ٿي. تائين گلن بابت سوچيندي ويس. ڪجهه اِن طرح ڄڻ گلن تي مضمون لکڻ لاءِ مليو هوم – ته گل ٻوٽن ۾ اُپرندا آهن، رنگبرنگي گل. هڪ ٻئي کان نيارا. بيحد پيارا لڳندا آهن. منجهن سونهن آهي، سرهاڻ آهي. نزاڪت آهي. ها، اِهو به ياد هو ته ننڍي هوندي اِسڪول ۾

خريد ڪيا آهن ۽ هاڻي نٿي خريد ڪريان؟ اُنجو ڪارڻ مان ٻڌائڻ لاءِ ڇا ٻڌل آهيان؟

اَڙي ڏس، تنهنجي سوالي اکين تي ڪاوڙ اچي ويئي. نه، تنهنجي سوالي اکين تي نه، پر شايد پنهنجيءَ بي-رخيءَ تي ڪاوڙ آئي آهي. مونکي ٻڌائڻ ٿي کپي ته مان توکان گل ڇو نٿي خريد ڪري سگهان؟

ايترو تون مونکي لهڻين. توسان ٿي چئو، منهنجو تنهنجي ماءُ سان ٻه رستو آهي. تنهنجي ماءُ جيسين جيوت هئي، اُها اَچي هتي وهندي هئي گل ۽ ويٺون ڪٺي. تون ڪانئس ٿورو پريان بيٺي-بيٺي ڪنگا وڪڻندو هئين! مون هڪ دفعو توکان ڪنگو خريد ڪيو هو. پوءِ پرس ۾ ڏٺم ته ڇٽا پئسا هئا ئي ڪين. توکي رپيو هٿ ۾ ڏنئي، مان تڪڙي تڪڙي هلي ويس. ويندي ويندي توکي چوندي ويس، ته سڀاڻي ڏجانءِ باقي پئسا. ٻئي ڏينهن مان جيئن لنگهيس پئي، تيئن ڏٺم ته تون اَڳيئي پئسا هٿ جي ترِيءَ تي جهلي بيٺو هئين. مونکي سچ پچ ته ڳالهه ياد ئي نه هئي، ته ڪو منهنجا تو وٽ پئسا رهيل آهن. نه معلوم ڪهڙو پُور پيو، جو چيومانءِ، ”رکي ڇڏ اِهي پئسا، تون خرچجانءِ.“ تو منهنجي پنيان ايندي چيو، ”نه نه، مفت جا پئسا مونکي نه کپن.“ مان بيهي رهيس. توکان پئسا وٺندي پڇيم، ”ڪنهن سيکاري آهي توکي ههڙي عمدي ڳالهه؟“

”منهنجي ماءُ،“ تو فخرمند لهجي ۾ چيو.

”تنهنجيءَ ماءُ کي سجدو ڪرڻ گهرجي. پنهنجيءَ ماءُ کي منهنجا سلام ڏجانءِ.“

اِئين چئي جيئن مان اسٽيشن ۾ گهڙڻ لاءِ مڙيس، تئين تو اُساٽ مان چيو، ”منهنجي ماءُ هتي ئي آهي. او جها... هوءَ!“

تهيل ڪچي گهر جي ٻاهران هڪ گلن جو ٻارو آهي. ٻوٽي - ٻوٽي ۾ تنهنجيءَ ماءُ جا پراڻ پيل آهن. ڏاڍيءَ محنت سان ٻوٽن کي پاليندي آهي، سنڀاليندي آهي. گهر اندر ٻه گل رکڻ ضروري سمجهندي آهي. ڪنهن برتڻ کي خوب ملي، چلڪائي، گلدان بڻائي، گل ڏاهي جوڙي رکندي آهي. خاص ڪري شام جي وقت، جڏهن تنهنجي پيءُ جي مل مان موٽڻ جو وقت ٿيندو آهي. هن جو گلن ۾، ڪو رسمي طريقي جو موه ڪين هو. هن واقعي ئي گلن کي ضرورت جي ئي شيءِ ٿي سمجهيو. زندگيءَ جي ضرورت جي شيءِ. تڏهن ئـي سندس اکيـن ۾ نراسائي پرجي آئـي هئي. جڏهـن مون چيومانس - تون گلن بجاءِ ٻيو ڪجي وڪڻ. هن مان ڪهڙي ڪمائي ٿيندي هوندءِ؟

ائين ته مان ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس گـل خريد ڪندي هئس، پر گلن لاءِ مونکي ايترو پيار ڪين هو! ۽ نه ئـي مان گلن کي ضرورت جي چيز سمجهندي هئس.

پر اڄ، او گلن وارا ننڍڙا نينگر، تنهنجي ماءُ جي ديهانت بعد گلن سان موه ٿي ويو اٿم. گل مونکي هاڻي ضـرورت جي چيز لڳندا آهن. مونکي ڪو عجب ڪين لڳو هو، جڏهن تنهنجيءَ ماءُ پڇاڻان، توکي گل وڪڻندو ڏٺم! اُن ڏينهن کان ئي گل خريد ڪرڻ شروع ڪيا هئم روز. سڀ ڪجهه ڄاڻندي ٻه مون هڪ ڏينهن توکان پڇيو هو، "ڇو ڪنگا وڪڻڻ بند ڪري، گل وڪڻڻ شروع ڪيئه؟" تو مرڪي ماءُ وارو ئـي جواب دهرايو:

"گلن جو وڪرو بند نه ٿيڻ کپي."

تنهنجي روشن مرڪ شاهد هئي، ته تنهنجي روح کـي روشني گلن ڏني آهـي. تنهنجي مـاءُ جـي شخصيت ۾

ٽيچر اڪثر ٻڌائيندي هئي ته گل پنهنجي آنچل ۾ ڪنڊا لڪائي، ٻاهران سدائين مرڪندو رهندو آهي. ڪٿي مرڪندو آهي گل؟ ڪنهن ڪڏهن گل کي مرڪندو ڏٺو آهي؟ اِنسان وانگر پل نه مرڪي، پر اِها حقيقت آهي ته گل ۾ ڪشش اهڙي ٿيندي آهي، جهڙي ڪنهن پياريءَ مرڪ ۾.

۽ ها، گل ڪتب ته خوب ايندا آهن: پوڄا پاٺ ۾. جلسن ۾ اسين وڏن ماڻهن کي گلن جا هار پائيندا آهيون، سندن سنمان ڪرڻ لاءِ گلن ذريعي ظاهر ڪري سگهجي ٿي- هنن لاءِ پيار جي ڀاونا. ڪنهن پنهنجي پياري کي سندس جنم-ڏڻ تي اسين گل سوکڙي ڏيون، معنيٰ اسانجي اِها ڪامنا آهي ته هي پيارل! تون گل وانگر سندر ۽ سرهو رهين. شل پنهنجن ڳڻن سان سرهاڻ پکيڙين. گل ڏجن، ته پوءِ اهو سڀ چوڻ جي ضرورت نه پوندي آهي، پر ڪير سمجهندو آهي گلن جي اِها خاموش ٻولي؟ اَڄڪلهه گلن ذريعي ڀاونائون ڪير ٿو قبولي؟ مان جيڪر ڪنهن ساهيڙيءَ سڏ کي يا گهر جي ڪنهن پارٽيءَ کي ڪنهن موقعي تي گل ڏيان ته هو خوش ٿيندا؟ يا ساڙهي، ٽاءِ، ٽرئنزسٽر وغيره، اِن قسم جي ڪا سوکڙي پسند ڪندا؟ ڪجهه به هجي، اُن ڏينهن اِهو محسوس ڪيم ته تنهنجي ماءُ ته گلن جي ٻولي ڄاڻي. جڏهن تو به ٻڌايو آهي ته ٻه-ٽي سال اَڳ هڪ ڀيري تو ڪو خراب لفظ زبان مان ڪڍيو، ته تنهنجي ماءُ چيو، ”اَري اَري، سامهون گل رکيا آهن. گلن جهڙي پوتر شيءِ جي سامهون ههڙو گندو لفظ تنهنجي زبان تي ڪيئن آيو.“

ته تنهنجيءَ ماءُ جي من ۾ اِها ڳالهه هئي ته گل پاڪيزگيءَ جي نشاني آهن. گل سامهون رکيا هجن، ته ٻاڙو نه ٻولجي، جهڳڙو نه ڪجي ۽ تو اِهو به ٻڌايو هو ته توهانجيءَ مٽيءَ جي

پر تنهنجي ماءُ چوندي هئي نه، ته گل نزاڪت جي نشاني آهن. اَڄڪلهه ڪهڙي رهي آهي نزاڪت منهنجي مَن ۾. ڪڏهن پاءُ - پاپيءَ تي ڪاوڙ، ڪڏهن پاڻ تي، ڪڏهن حالتن تي ڏک ئي ڏک آهيان. پاونائن ۾ نه رهي اُها نزاڪت. پوءِ ٻڌاءِ، او گلن وارا، نِنڊيڙا نيڻگر، ڪهڙو جواب ڏيان تنهنجين شڪايتي اکين کي؟ ڇا ٻڌايان توکي، ته ڇو نٿي خريد ڪريان گل مان؟؟ ●

’شاهوڪاري‘ گلن پٺيان ٿي هڻي. اُها ’شاهوڪاري‘ هُوءَ ورتي ۽ ٽوڪي ڏيئي ويئي آهي!

ڇڏ ته، ڪهڙي منهن سان ٽوڪي پئي ڏنائين، ننڍڙا شاهوڪار شخص، ته مان غريب ٿي ويئي آهيان. گل خريد ڪرڻ لاءِ اَسمرت! هڪڙو گلاب تو ڏين چاليهن پئسي!

اِهي چاليهه پئسا بچائي، مان پنهنجي پائنٽي لاءِ شام جو هڪ چاڪليٽ خريد ڪندي آهيان، هر روز. هن جو من ڪليءَ جيان ڪومل آهي اَجا. جڏهن کان اَک پٽي اٿس، گهر ۾ پئسي جي تنگيءَ بابت ٻڌي رهيو آهي. پاڻ پاپيءَ لاءِ مان چا چوان... اَجڪلهه پگهار مان پورت نه پوڻ جو ذڪر هر وقت ڪندا رهندا آهن، اِها ڳالهه سؤ سيڪڙو صحيح به نه هجي، پر ننڍڙي گل اڳيان ڇو ٿا ڪن؟ ڪڏهن پيپوءَ جو ڏيان هنن جي ڳالهين ڏانهن ويندو آهي، ڪڏهن نه به ويندو آهي! شايد پاڻ پاپي منهنجو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڳالهه ڪندا آهن. چوڻ چاهيندا آهن، ته ڏس، جڏهن ماني کائڻ مشڪل ٿي رهي آهي تڏهن تنهنجي شاديءَ جي خرچ لاءِ بچت ڪرڻ جو سوال ئي نه ٿو اُٿي.

مان ڪين چوڻ چاهيان ٿي، ته نه ڪريو بچت، مان ڪانه ڪنديس شادي، پنهنجي پيرن تي بيٺي آهيان نه، توهان تي بوجھ ته ڪانه آهيان... اَڙي، ته مونکي شايد پاڻ پاپيءَ تي ڪاوڙ آهي! خبر ناهي ڇاهي... ڪنهن تي ڪاوڙ آهي، يا ڪاوڙ آهيئي ڪانه. خبر نه آهي، پر اهو سچ آهي ته مون گهڻن ئي خرچن ۾ ڪتر وجهي ڇڏي آهي. ڪيترئي ضرورت جون شيون به نه خريد ڪندي آهيان. تنهنجا گل به مون لاءِ ”ضرورت جي چيز“ آهن. منهنجي من جي ضرورت.

سرسوتيءَ ٻي خيالائيءَ ۾ وارڊ ۾ چؤطرف نظر ڦيرائي ڏٺو ته وارڊ جي سڀني ٻالڪن جون نظرون مهيش ۾ ڪتل آهن. ٿوري دير اڳ ۾ نائين نمبر ٻالڪ ڪيس ٻڌايو ته آپريشن ڪانپوءِ ڪجهه وقت مهيش غش پيو هو پر جيئن ئي سجاڳ ٿيو تڏهن کان ممي... ممي... زور زور سان دانهون ڪيون اٿائين. سرسوتيءَ کي خيال ٿو اچي ته اهو نائين نمبر وارو ٻالڪ سمجهو ٿو لڳي. ٻين کان وڏڙو به آهي. اَنڪل ڏهن ڪن سالن جو ٿيندو. شايد هو مدد ڪري سگهي سو وٽس وڃي ويٺي هن کي چيائين، "تون اچي مهيش سان ٿوري دير ڳالهاءِ ته مان ڪسڪي وڃان."

هن ٻالڪ اها ڳالهه ٻاسي پر اهو به چيائين ته مان به ٽي دفعا وٽس ويو آهيان ڳالهائڻ لاءِ پر هو ڪجهه نه ٿو ٻڌي.

"هاڻي تون ڪيس ڪا آکاڻي يا Poem ٻڌائجانءِ." سرسوتيءَ ڪيس عاجز نوع ۾ چيو، "جيسين مان نڪري وڃان."

اُن ٻالڪ کي پٽ جي منهن ۾ ڏيئي سرسوتي اَنڪل سان اِئين وارڊ مان ڪسڪي ويئي جيئن ڪو چور ڪسڪندو آهي. ويندي ويندي هن مهيش جا سڏ ٻڌا پر هوءَ تڪڙيون تڪڙيون پرانگهون پرينديءِ اِسپتال جي ڦاٽڪ وٽ اچي پهتي. اُتي بيهي هن هڪوار ١١ نمبر وارڊ طرف نهاريو. هن کي سمڪ ئي ڪانه پيئي هئي ته هن جي اکين مان پاڻي ڪري رهيو آهي! ڳوڙها اُگهندي هوءَ اِسپتال مان نڪري ويئي.

وارڊ ۾ نائون نمبر ٻالڪ، مهيش کي سرچائيندي چوي ٿو، "دانهون ڪندين ته سور گهڻو ٿيندءِ. سسٽر اچي سٽي هڻندءِ." ڪيس ٻڌو اَڻ ٻڌو ڪري ممي... ممي... جي رٽ

نرس

سرسوتي منجهي پيئي. پٽ کي ڪيئن سمجهائي ته هوءَ وٽس اسپتال ۾ رهي نه ٿي سگهي. سمجهڻ جي هن جي عمر ئي ته ڪانهي. هو ننڍڙو آهي ڇهن سالن جو. اسپتال جو قاعدو مڃڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي. هو ته صرف روئي روئي ماءُ کي چنبڙيو رهيو آهي پليز ممي تون نه وڃ.

سرسوتي ٿڌو ساهه ڀريندي پٽ جي پلنگ جي ڀر ۾ رکيل اسٽول تي ويهي ٿي رهي. پٽ کي ڀاڪر پائي چوي ٿي، "ڏس بابلا هن وارڊ ۾ گهڻا ٻالڪ آهن، ڪنهن جي بہ ممي آهي ڇا هتي؟"

پٽس مهيش پنهنجو ننڍڙو بدن سيٽيندي چوي ٿو، "ڀلي ڪنهن جي بہ ممي نه هجي پر مان توکي وڃڻ نه ڏيندس."

سرسوتيءَ جو هٿ مٿي تي اچي ويو. کيس ٻہ دفعا چيو ويو آهي ته کيس هاڻي هليو وڃڻ گهرجي پر هوءَ ڇا ڪري- ڪيئن وڃي؟ لؤندڙين کي هٿ سان زور ڏيندي هوءَ فڪر ۾ پئجي ٿي وڃي. هوءَ ڇئين ٻج آئي هئي. مهيش کيس ڏسڻ سان ڦٿڪي رنو هو. کيس چپ ڪرائڻ خاطر ٻاڙ کيس ڪوڙو دلاسو ڏنو هئائين ته هاڻي هوءَ گهر نه ويندي پر کيس وڃڻو ته هو ئي! وارڊ ۾ ڪل ٻارهن مريض ٻالڪ آهن. ٻين ٻارهن وٽ جيڪي بہ ملاقاتي آيا هئا، سي ڇهين ٻج واپس هليا ويا. هينئر سوا ڇهہ لڳا آهن. هوءَ اڃا اتي ويٺي آهي.

چوٿين نمبر جو بسترو نيڪ ڪندي مرئنبدا اُن ٻالڪ کي چيو، "ڏس ته تنهنجو پلنگ ڪهڙي نه سٺي جڳهه تي پيل آهي، دريءَ جي لڳولڳ. اري دريءَ مان ٻاهر تہ نهار. آسمان پيو ڏسڻ اچي."

چوٿين نمبر ٻالڪ جي منهن تان چادر سڌي ڪرڻ لاءِ منجريڪر هٿ هٽائي ورتي. هو پلنگ جي ٻني تان نئپڪن کڻي پنهنجا ڳوڙها اُگهڻ لڳو ۽ پوءِ گويا مرئنبدا جو چيو مڃڻ خاطر دريءَ مان ٻاهر نهارڻ لڳو.

بسترو نيڪ ٿي ويو. مرئنبدا اُن ٻالڪ کي مٿي تي هٿ ڦيري منجريڪر سان پنجين نمبر بستري طرف وڌي ويئي.

پنجين نمبر جو بسترو نيڪ ڪندي منجريڪر چيو، "هي ٻار ته ممي ڪري ايترو ته رڙيو آهي، جو هن جون دانهون ٻڌي بدن مان سيسرات نڪري وڃي. هاڻي به ڏس ڪيئن پيو جهڄي..."

مرئنبدا چيو، "سچ ته اسان کي هنن ٻارن سان روز ٿوري دير ويهي پيار، پنهنجائيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ گهرجن."

منجريڪر ٻالڪ جي مٿان پيل چادر کي سڌو ڪري هن کي ڪلهن تائين ڍڪيندي چيو، "هتي مرڻ جي فرصت ڪانهي- هنن سان ڪيڏي مهل ويهي ڳالهيون ڪريون..."

مرئنبدا نئپڪن کڻي مهيش جو منهن صاف ڪيو. پوءِ مرڪندي سندس منهن ۾ نهاري چيائين، "پاڻي پيئندين؟" هوءَ مهيش جي جواب لاءِ نه ترسي- پاڻيءَ جو گلاس کڻي جيئن ڏانهس وڌايائين تيئن مهيش منهن ڦيري ڇڏيو. مرئنبدا پاڻيءَ جو گلاس واپس رکي مهيش جي مٿي تي هٿ ڦيري اڳيان وڌي ويئي. منجريڪر اڳي ئي ڇهين نمبر جو بسترو

لڳائي ڏني.

نائين نمبر جي ٻالڪ کي ياد آيو ته مهيش جي ماءُ چيو هو هن کي آڪاڻي ٻڌائڻ جاءِ. سو ڪيس وري چيائين ”تون روئڻ بند ڪر ته مان توکي آڪاڻي ٻڌايان.“

”مونکي نه کپي تنهنجي آڪاڻي“ مهيش تيسي ۾ وراڻيو. ٻن چئن منٽن بعد نائون نمبر ٻالڪ واپس پنهنجي بستري تي هليو ويو!

پوڻا ست ٻڄ وقت ٿيو آهي. وارڊ ۾ چپ چپات لڳي پيئي آهي. رکي رکي صرف پنجين نمبر بستري واري ٻالڪ مهيش جو سڏڪي پريو سڏ ممي... ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. هن وقت اڪثر وايو منڊل ۾ گهري اُداسي هوندي آهي. شايد ٻالڪ اِهو سوچيندا آهن ته وري ڇوويهن ڪلاڪن بعد هو پنهنجي گهر وارن جو منهن ڏسندا تيسين بس نرسون ڊاڪٽر وارڊ بواءِ ۽ پوءِ ميٽراڻيون وغيره... اِهي ئي وارڊ ۾ ايندا ويندا ۽ هو بت بڻيا کين ڏسندا رهندا.

ستين ٻڄ مرڻندا ۽ منجريڪر نالي ٻه نرسون وارڊ ۾ گهڙن ٿيون. هنن کي سڀني مريضن جا بسترا ٺيڪ ڪرڻا آهن. هوُ سس پس ۾ پاڻ ۾ ڳالهيون ٻه ڪري رهيون آهن ۽ ڪم ٻه پيئون ڪن. هو جڏهن ڇوٿين نمبر مريض وٽ پهتيون تڏهن مرڻندا پنهنجيءَ ساٿياڻيءَ منجريڪر کي چيو، ”ڏس ڪيئن هن ٻار پنهنجو منهن چادر ۾ لڪايو آهي. روز شام جو ڇهين ٻڄ جيئن ئي هن جو پيءُ ڪانئس موڪلائي روانو ٿئي تيئن ئي هي ٻار منهن چادر ۾ لڪائي روئڻ شروع ڪري...“

منجريڪر چيو، ”Its Sad“

سوسان اُنھن نمبر طرف وٺندي وراڻيو، ”توکي ان جو جواب پوءِ ڏيندس. تيستائين گڏ نائيٽ...“
”گڏ نائيٽ“ نائين نمبر مرڪندي چيو.

سوسان پنجين نمبر پلنگ وٽ پهتي ته سائيڊ ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جو جگ، گلاس، سوُپ ۽ بريڊ وغيره سڀ چيزون سوري پوري دوائن جو ٽري اُن تي رکيائين. ٽرما ميٽر ٽري مان ڪڍندي مهيش کي چوي ٿي، ”ڪي ڪي ٻار ڏاڍو تنگ ٿا ڪن. پر تون... سٺو ٻار ٿو لڳين. تون تنگ نه ڪندين.“
مهيش هن ڏانهن نهاري ٿو.
ٽيمپريچر رڪارڊ ڪندي سوسان هن کان پڇيو، ”ننڍڙا گلڙا تنهنجو نالو ڇا آهي؟“
”مهيش“
”اَري واه! مهيش ته منهنجي ٻه پٽ جو نالو آهي.“ سوسان چپٽي وڄائي چيو، ”هو اڃا تمام ننڍڙو آهي ننڪڙو... خبر اٿئي ڪيترو؟“
مهيش پڇيو، ”ڪيترو؟“
سوسان اِسٽول تي ويهندي چيو، ”هيءَ تنهنجي ٻانهن آهي نه... بس تنهنجيءَ ان ٻانهن جيترو آهي. رڳو ٽن مهنن جو آهي. مون کي ايڏو تنگ ڪندو آهي...“
سوسان مهيش جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو، ”هاڻي جڏهن اِسپتال پهتي اچان تڏهن ايڏو روئي پيو، ايڏو روئي پيو جو بس مان توکي ڇا ٻڌايان.“
مهيش ڪجهه پڇڻ چاهيو پر ڪجهه نه پڇي صرف اکين اکين سان سوسان طرف نهاريندو رهيو.

ٽيڪ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي... هو ٻئي سوائين ستين ڌاري وارڊ مان نڪري وئون!

وري اُها ئي سانت... جڻ اُتي ڪير ڪونهي. صرف ٻارهن پلنگ آهن. هرهڪ پلنگ جي پير ۾ رکيل هڪڙو ننڍڙو ڪٻٽ آهي جنهن جو هٿ سائيڊ ٽيبل وانگر ڪم آندو ويندو آهي. اُن تي پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس رکيل. سڀني ٻالڪن جا بسترا هڪ جهڙا لڳي رهيا آهن. هرهڪ بستري جي پيرانديءَ هڪ ساڳئي ئي نموني ويڙهيل ناسي رنگ جو بلئنڪيٽ رکيل آهي. ٻارهن ئي ٻالڪ به جڻ هڪ جهڙا آهن! ڪير ڪنهن کان نرالو نه ٿو لڳي!

اَٺين ٻجي نرس سوسان وارڊ ۾ گهڙي. هن کي ڏسڻ سان ڪيترن ٻالڪن جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ويئي. پهريون نمبر ۽ نائون نمبر ٻالڪ ته هن کي ڪيڪارڻ لاءِ پنهنجن بسترن تي اُٿي ويٺا. سوسان به هٿ لوڏي سندن ڪيڪار جي موٽ ڏني. هن کي مريض ٻالڪن جو ٽيمپريچر ڏسي رڪارڊ ڪرڻو آهي ۽ ڪين دوا جو ڊوز به ڏيڻو آهي.

سوسان جڏهن نائين نمبر ٻالڪ وٽ پهتي ته هن کيس چيو، ”سسٽر! جيڪو پنجون نمبر آهي نه اُهو سڄو ڏينهن ممي ممي ڪري رنو آهي. منهنجو ته جنهن ڏينهن آپريشن ٿيو هو تنهن ڏينهن مون ڪرائيسٽ کي ياد ڪيو هو.“

سوسان کيس هڪ گوري ۽ هڪ ڪئپسول ڏيندي چيو، ”پنجون نمبر وري پنهنجيءَ ماءُ کي ڪرائيسٽ سمجهندو هوندو.“

”ممي‌ءَ کي ڪيئن ڪرائيسٽ سمجهندو هوندو؟“

ڇمي هلي ويئي!

شام جا چار ٻج وقت ٿيو آهي. سرسوتي اسپتال جي ڦاٽڪ تائين پهچي ويئي آهي. ڪالهه سندس پٽڙي جو آپريشن خير سان ٿيو اهو سنتوش ته ڪيس آهي ئي پر پٽڙي ڪالهه رات ڪيئن گذاري هوندي اهو سوچي هوءَ گهٻرائجي ٿي وڃي. ڦاٽڪ مان اَندر گهڙڻ کان پوءِ هن جي هلڻ جي رفتار ڍيمي ٿي ويئي آهي. هوءَ سوچي ٿي هاڻي ٻن منٽن ۾ مهيش وٽ پهچي ويندس. پر ڇهين ٻج وري جڏهن اسپتال مان واپس وڃڻو پوندو تڏهن ڇا ٿيندو؟ ڪالهه وانگر هن کي روئندو ڇڏي ويندس... هن جي نرڙ تي پگهر نڪري آيو!

هوءَ يارهين نمبر وارڊ ۾ گهڙي ته پنجين نمبر پلنگ تائين پهچندي جڻ سندس وقت وڌي پيو. مهيش کي ڳراٽڙي پائي چمي ڏيئي پڇيائين، ”ٻابلا ڪيئن آهين تون؟“

”اَري ممي اَڄ ويئينءَ؟“ مهيش ماءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي پڇيو، ”پپا ڪڏهن ايندو؟“

”اَڄ ويندو ٿوريءَ دير ۾......“

”ممي... تون اَڄين پيئي ته مونا روئي پيئي ڇا؟“ مهيش ننڍڙيءَ ڀيڻ لاءِ پڇيو.

سرسوتيءَ ٻڳهو ساهه کڻندي چيو، ”نه نه... هن کي پاسي وارن راڄوءَ جن وٽ ڇڏي آئي آهيان. هو ڪيس راند ڪرائيندا آهن نه...“

”اَسان جي مونا ڏاهي آهي... تون هن کي ڇڏي آئينءَ تڏهن ٻه ويچاري نه ٿي روئي. پر سسٽر سوسان آهي نه... اُن جو ٻلو ڏايو لڳو آهي. هوءَ ويچاري اسپتال ۾ ايندي

سوسان وري چيو، ”نيٺ خبر اَٿئي ڇا ٿيم؟ هن کي آيا ڄي هنج ۾ ڏيئي مان هلي آيس. هاڻي شايد چپ ٿيئي هوندائين. آيا هن کي راند ڪرائيندي آهي نه... يا هن کي گانو ٻڌائيندي آهي ته هو وري خوشيءَ مان پنهنجون مٺيون ننڍڙون ٻانهون هيٺ مٿي ڪندو آهي ڄڻ ته ڊانس ٿو ڪري...“

مهيش ننڍڙي ٻالوءَ جو تصور ڪندي پڇيو، ”هو ٻيو ڇا ڪندو آهي؟“

سوسان مهيش کي سوپ پيئاريندي چيو، ”ڳالهائڻ ته اَڃا ڪونه. پوءِ ڪهڙا به آواز ڪڍندو آهي اَڳو اگو ... غو غو ... خو ... خو ... اُن مهل هيئن مٺا ڦنڊائيندو آهي“

سوسان پنهنجا ڳل ڦنڊائيندي ٻالوءَ جهڙا آواز ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي.

مهيش کي کل اَچي وئي!

سوسان کيس گوريون ونائيندي چيو، ”مان توکي پنهنجي لاڏي ٻالوءَ جون جام ڳالهيون ٻڌائيندس. پوءِ ... هاڻي ڪم اَٿم نه. ڪو ٻه ڪم پوئي ته ٻيل وڄائي مون کي سڏ ڪجانءِ. جيئن گهر ۾ مميءَ کي سڏ ڪندو آهين. اِسپتال ۾ نرس ممي ٿيندي آهي.“

مهيش چمڪندڙ اَکين سان پڇيو، ”تنهنجو ڪم لهي وڃي پوءِ تون ايندينءَ؟“

”ها ... ضرور ايندس. تون ته منهنجو پٽ آهين... تنهنجو نالو جو منهنجي ٻالوءَ جهڙو آهي. تنهنجو نالو ٿي رکان ڏاهو مهيش ءَ پنهنجي ٻالوءَ جو نالو ٿي رکان ننڍو مهيش. اوڪي. ڏاها مهيش! گڊ نائيٽ ...“

سوسان ’گڊ نائيٽ‘ چوندي مهيش جي وارن کي هلڪو

ڪري ڪيئن هوندي هيءَ سسٽر سؤسان ناليءَ سوني پريءَ جنهن جادو ڪري ڏيکاريو!

ٽيرهن ڏينهن کان پوءِ مهيش کي اسپتال مان موڪل ملي. گهر اچي هو پنهنجيءَ ننڍڙيءَ پيڙهه مونا ۽ پاڙي جي سنگتين ساهيڙين سان اڳين مليو جڻ ڪين ورهيه ڪين ڏٺو هجائين. هو سڄو ڏينهن ڏاڍو خوش هو. شام ٿيندي ٿيندي کيس وسري به ويو ته هو ڪو ٽيرهن ڏينهن اسپتال ۾ هو.

پر سرسوتيءَ کي نه اسپتال وسري هئي ۽ نه نرس سوسان. صبح جو پٽ کي گهر وٺي اچڻ مهل هن پڇيا ڪئي هئي ته اڄ نرس سوسان جي ڊيوٽي ڇئين بجي آهي. هوءَ پنجين بجي کان اسپتال وڃڻ لاءِ تيار ٿي. هن پاڻ سان نرس سوسان لاءِ هڪ گلدستو ۽ سندس ٻٻلوءَ لاءِ هڪ شاندار گفٽ پارسل کنيو. اسپتال ڏانهن ويندي هوءَ هڪ عجيب خوشي پيئي محسوس ڪري. سوچي ٿي ٻارهن ڏينهن کان هن عجيب استريءَ جي دل ۾ شڪرگذاري مڃي اٿم. اڄ سندس سامهون ٻيهي پنهنجي احسانمند دل ڪيدي هن اڳيان رکنديس. پر کيس چونديس ڇا؟ صرف 'مهرباني' چوڻ سان دل نه ڀاپندي. ته ڇا چوان کيس؟ ... ها ... کيس چونديس او چانڊوڪي! شل تنهنجي حياتي سدائين چمڪندي رهندي ... نه نه! کيس چونديس تون بهار جي مند آهين. تنهنجي اڱڻ ۾ شل هميشه گل ٽڙندا رهندا ...

ساڍي پنجين بجي ڌاري سرسوتي پهچي ويئي سسٽر سؤسان جي سامهون! پهرين هن پنهنجي واقفيت ڏني پوءِ

آهي اوڏي مهل روئندو آهي ڏاڍو ...“

سرسوتيءَ جي دل تي سسٽر سوسان جو نالو اُڪرجي ويو. هن مهيش کان پڇيو، ”توکي ڪنهن ٻڌايو ته سسٽر سوسان جو پٽ ننڍو آهي؟“

”سسٽر سوسان ٻڌايو.“

”ڪيڏي مهل؟“

”رات جو.“

”توکي پٽ رات جو ننڊ آئي؟“

”ها ...“ مهيش خوشيءَ مان چيو، ”سسٽر سوسان ڪيئن پيئاريو. پوءِ هڪ Poem ٻڌايائين. ممي! هن جو آواز ايڏو سٺو آهي ...

”ڪنهن جو ... سسٽر سوسان جو؟“

”ها ... ءَ ممي! هن جي ٻبلوءَ جو نالو به مهيش آهي.“

”ءَ ممي ... سسٽر سوسان چا ڪندي آهي جو هن جي ٻبلوءَ جي بستري مٿان جيڪا لڪڙي آهي نه ... اُن م رانديڪا ٻڌي ڇڏيندي آهي ...“

سرسوتيءَ جا ٻه ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا ڪيس خبر ئي نه پيئي. ڇهين ٻج جڏهن سڀ ملاقاتي وڃڻ لڳا تڏهن وري هن جو جيءُ گهبرايو. هن اِسٽول تان اُٿي پٽ ڪي ڀاڪُر پائي چيو، ”پٽ! هاڻي مان وڃان ٿي. ڇهه لڳا آهن.“

”ها ممي ... جلدي وڃ. مونا کي راڄو جن وٽان جلدي گهر وٺي وڃجانءِ“

اَڄ پنڌرو هيئن موڪل ڏيندو وڃڻ جي ... سرسوتي تسڪين سان گهر وڃي سگهندي اِهو نه جڻ ممڪن ئي نه هو! هيءَ ناممڪن ڳالهه ڪيئن ٿي؟ هوءَ گهر ويندي ويندي تصور پيئي

هڪ رواجي ماڻهو

هو بلڪل رواجي ماڻهو هو. مون ڪڏهن به هن کي غير- رواجي ماڻهو ڪري نه ليکيو هو. قد جو اوچو، رنگ جو سانورو، روشن ۽ موهيندڙ. ڪپڙي لٽي جو شوقين هو. سدائين صاف سٿرو ٽپ ٽاپ وڳو پهريل هوندو هوس. جوتو سدائين اڇو پائيندو هو جو هر ڪنهن جي دل هرکندي هئي. هن جو نئون جوتو ڏسي اڪثر هن کان دوست پڇندا هئا هي جوتو ڪڏهن ورتئه، گهڻي ورتئه، ڪٿان ورتئه. جيڪڏهن ڪنهن دوست هن جي جوتي تي دل ڪئي ته کيس چوندو هو پنهنجو ماپ ڏيئي ڇڏ. هفتي اندر توکي جوتو بمبئيءَ مان وٺي موڪليندس.

هو ٻئين ٽئين مهني پيو دبئيءَ ايندو هو. سندس زال چرچي طور چوندي هئي ته بمبئيءَ ۾ ماڻهن کي جيئن وي. ٽي. کان ڪلابا تائين پاس ٿئي، تيئن منهنجي مڙس کي بمبئي - دبئيءَ جي پاس آهي. سو جنهن دوست کي جوتي موڪلڻ جو واعدو ڪندو هو سو جي هفتي اندر نه ته ٻيءَ وقت ۾ ياد ڪيو پارسل سان کنيو ايندو. باقي جيڪڏهن ڪنهن چيس ته فلاڻي دوا کپي، دبئيءَ ۾ نه ٿي ملي ته اها ٽن ڏينهن اندر ڪنهن طرح به پهچائيندو. دبئيءَ ۾ ايندڙ ويندڙ انيڪ مسافرن سان سندس واقفيت هئي. جيڪڏهن انهن ماڻهن جي لسٽ ٺاهجي جن کي هن دوائون پهچايون هونديون ته اهي اٽڪل سؤ کن ماڻهو ته واهه جا ٿيندا. دبئيءَ ۾ الائي گهڻن ماڻهن کي نوڪريون وٺي ڏنائين. هتي جي ڪن وڏن

چيائين، ”مان توکي ڪڏهن وساري نه سگهنديس. ڪڏهن به نه!“ سوسان وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، ”مون کي جلدي وساري ڇڏجو نه ته وري توهان جي گهوٽ کي مون سان حسد ٿيندو. گهوٽ ڏاڍا حاسد ٿيندا آهن نه؟“

سرسوتيءَ ڪان به ٽهڪ نڪري ويو. هن ڪيس گلدستو ۽ ٻلوءَ لاءِ گفٽ پارسل پيش ڪيو ته سوُسان ايڏو ڪليو جو پُر م وينل مشترن ڏانهس ڪرڙيءَ نظر سان نهاريو ته اِسپتال ۾ هوءَ ايترو زور سان ڪيئن ٿي کلي. سوُسان پنهنجي ڀُل محسوس ڪئي. هن مشترن کان معافي طلبي. پوءِ سرسوتيءَ کي چيائين، ”هي گلدستو ته مان وڏي خوشيءَ سان ڪٽان ٿي. ڪهڙا سهڻا رنگبرنگي گل آهن! واه ... باقي هي پارسل ڪنهن اهڙيءَ اِستريءَ کي ڏيو جنهن کي ٻلو هجي. مون کي ڪو ٻلو ڪونهي...مون ته اڃا شادي به نه ڪئي آهي!“

رهجي ويئي سرسوتي. ●

سندن خاص دلپسند شيون ٻه آڻيندو هو ڪارا بسڪيٽ ... ٻمبئيءَ جي پانُ - سگر جي مٺائي. سڀني کي چيزون پهچائي پوءِ پنهنجي ڪم کي لڳندو. چوندو هو شيءِ آندي آهي ته وقت تي پهچايان. شيءِ خراب ٿي سڪي وڃي اهڙي آڻڻ مان فائدو ڪهڙو؟

هو مون کي پهرين پهرين ٻمبئيءَ ۾ ايئر انڊيا جي آفيس ۾ مليو هو. ڏسندي سان چيائين، ”مان فلاڻو آهيان فلاڻي جو سالو! توهين مون کي نه ٿا سڃاڻو؟“ ”منهنجي گهوٽ لاءِ چيائين، سائين ته مون کي سڃاڻي. منهنجي گهوٽ کي جنهن تاريخ تي فلائيٽ ڪپندي هئي اُن تاريخ کان پندرهن ڏينهن پوءِ تائين ٻه سيٽ نه پيئي ملي. اسين بيحد پريشان هئاسين. هن اسان کي ڏس ڏنو ته فلاڻي Travel Agent وٽ وڃو. توهان جو ڪم ضرور ٿي ويندو. واقعي ئي اسانجو ڪم ٿيو. کيس خبر هئي ته منهنجو گهوٽ پهريون دفعو دبئيءَ وڃي رهيو آهي سو کيس اِلاهي ڪٽي هدايتون ڏنائين. جيڪي سڀ پيج ڪارائتيون هيون. هو ڄڻ بنا پگهار گائيڊ هجي. سو به هر ايندڙ ويندڙ لاءِ.

اُن پهرينءَ ملاقات ۾ ئي مان هن جي ڌرم جي ڀيڻ ٿي پيس. بعد ۾ جيڪو پهريون رکڙي ٻڌڻ آيو، اُن ڏينهن رکڙي ٻڌائڻ لاءِ گهر اَچي پهتو ... ويٺو پنج منٽ به ڪين. چيائين تڪڙو آهيان اَڃا گهڻن ئي هنڌ وڃڻو اٿم. نڪرندي ويل ٻارن کي چيائين، ”هاڻي ڪٿي به ماندو ساندو ته سڃاڻندءُ نه. ماما آهي.“ دبئيءَ ۾، لنڊن ۾، هانگ ڪانگ ۾، دهليءَ، اَجمير ۽ ٻمبئيءَ ۾ کيس گهڻيون ئي ڀيڻر آهن. اُنهن سڀني جي اولاد سان اِئين نباهيائين جيئن سڳا ماما به مشڪل نباهين. جنهن جو جيڪو شوق هجي سو پورو ڪري. ڪنهن

سيٺين ۽ رسوخ وارن ماڻهن سان سڃاڻپ هئس. ڪنهن ۾ ڪمپنيءَ ۾ خبر پيس ڪا جاءِ خالي آهي، ته يڪدم ڪو ضرورتمند ياد ايندس. ان جي سفارش ڪندي سيٺ کي چوندو، اهڙو لائق ماڻهو تو وٽ ڏيانءُ جو خوش ٿي ويندا. سائين اهڙو محنتي ۽ سچيار ماڻهو آهي جو توهين ڪيس ياد رکندا ته مون کي ياد ڪندا ته مون سچ پئي چيو. ويچارو بمبئيءَ ۾ ڪمائي ٿو ٻارهن سؤ - گهر ۾ ٻار آهن ست - زال ٻار پيءُ ... بس هن وٽ ڄڻ ضرورتمند ماڻهن جي لسٽ هميشه کيسي ۾ پئي هوندي هئي ۽ هنن جي مالي مشڪلاتن بابت سڀ تفصيل ڄاڻندو هو. سيٺ پڇندس، پاسپورٽ نڪتل اٿس؟ هو اُتساهه مان چوندو، سائين پاسپورٽ نڪتل اٿس. اجهو هي پاسپورٽ جي فوٽو ڪاپي هي سندس **Bio data**. سڀ هٿيو حاضر رکندو هو. ڪنهن جو ڪم ٿي ويو ته هو ايڏو خوش... خوشيءَ مان ٻڌائيندو، پيءُ فلاڻو ماڻهو فلاڻي ڪمپنيءَ ۾ لڳي ويو. مون ٻه لفظ هاريا ويچاري جو ڪم ٿي ويو. غريب ماڻهوءَ جون دعائون ڪٺيم نه. منهنجو ڇا ويو.

هو جڏهن به دبئيءَ ايندو هو تڏهن دوستن جا گهر بمبئيءَ جي تازين ڀاڄين - ڀينڊين، گوار ٻيهن وغيره سان ڀرجي ويندا هئا. هفتو کن دوستن کي ڀاڄيون خريد ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. تنهن سواءِ دوستن کي سگر، پاپڙي، مرچائي ڀڳڙا، بوهيمگه ايترا پهچائيندو هو جو سندس ٻيءَ Visit تائين دوستن وٽ اهي شيون پيئون هونديون هيون. چوندو هو بمبئيءَ مان خالي هٿين ڇو اچان. ايئر انڊيا وارا ويهه ڪلو بار کڻڻ جي موڪل ڏين ٿا ته ايئر لائين کي ڇو ڇڏيان. ڇو نه دوستن کي فائدو ٿئي. دبئيءَ پهچي پهرين سڏيندو هو نڪ. ٽڪ پهچي بوءِ نڪرندو آندل شيون ورهائڻ. ڪن دوستن لاءِ

سهڄ سياءُ سيڻي سان ورتندو هو. رلي ملي هلڻ سک پيار ونڊڻ جو عجب ڏانءُ هوس. ڪنهن سان سڃاڻپ ڪيئن پنهنجائپ ۾ بدلجي ويندي هئس خود کيس به خبر ڪانه پوندي هئي. ٻئي ڪنهن کي ڪنهن جي لاءِ بغض سانڍيندو ڏسندو هو ته چوندو هو اجايو ڇو ٿا انهن ڳالهين ۾ وقت وڃايو. هي حياتي ڪا وري ملندي! هڪ ڏينهن سڀ هتي ڇڏي ويندا سين. بنگلا، ماڙيون به، ته ساڙ وير به. ڪجي اهڙو جنهن مان ڪجهه وري ...

کيس ڪنهن ماڻهوءَ جي وهنوار ڏکويو هوندو ته رڳو ايترو چوندو پيرڻ، دنيا ڏاڍي وڏي آهي. توهان اڃا دنيا ڏٺي ڪٿي آهي. ان جملي مان سمجهي ويو هو ته ڪنهن جو برو وهنوار ياد کي ڪٽڪيو آهي. جن ماڻهن کي هتي نوڪريون وٺي ڏنائين سي جڏهن سائس بي مروت ٿيندا هئا يا بد سلوڪي ڪندا هئا ته ڳالهه ڪري پوءِ چوندو هو، پنهنجي نيت پاڻ ڄاڻن! مون کي هونءَ به هنن وٽان کپي ڇا.

دبئيءَ ۾ جيئن هو ايندو اوچتو هو تيئن ويندو به اوچتو هو. پوءِ ايئرپورٽ تان دوستن کي فون ڪندو. ڪو دوست چوندو اڙي وڃين ٿو ڇا؟ اڃا ته ڏينهن ته آئين. جواب ڏيندو بس ڪم ٿي ويو وڃان ٿو. ڪم بنا اجايو ڇو رهجي؟ وڃي زال ٻارن پيڙو ٿيان. ممبئيءَ مان ڪجهه کپيو ته حڪم ڪيو. دوست چوندو، اڳي دفعي جيڪي شيون آنديءَ اڃا ان جا اَي پئسا ... سٽ پوري ڪرڻ اَي نه ڏيندو. چوندو ڇڏيو، گهر جي ڳالهه آهي. پئسا پڇي ٿا وڃن ڇا؟ مون کي خبر آهي مٿس ڪي قرض هئا ته به ٻين ڪي قرض لاهڻ ۾ مدد ڪندو وتندو هو ...

هڪ دفعي مون وٽ ڏهه هزار درام رکي ويو. چيائين

کي ڪتاب آڻي ڏئي ته ڪنهن کي ڪرڪيٽ منجهه ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ. ڪنهن کي فلمي ستارن سان ملڻ جو شوق هجي ته اُنهن کي راج ٻبر... ريکا... سندن فيورٽ فلمي ستارن سان ملاقات ڪرائي. مطلب ته ماموءَ ته ڪونه هو ڪو جادوگر هو جيڪو هرهڪ پاڻيڇي پاڻيڇيءَ جي حڪم ڪرڻ تي سندن مطلب جي شيءِ پيدا ڪري وٺندو هو. جيڪڏهن ڪنهن جي دل پوري ڪري نه سگهندو هو ته چوندو ماما اَچا جيئرو ويٺو آهي. هن دفعي تنهنجو ڪم نه ٿيو ته ٻئي دفعي ٻڪ ڪندس.

اسان جڏهن دٻئيءَ ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو تڏهن هو دٻئيءَ ۾ پنهنجو ڌنڌو شروع ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هو. هڪ دڪان مسواڙ تي ورتو هئائين پر کيس اسٽاف لاءِ ويزائون نه پئي مليون. اُن دوران هو روز ٻئي ڏينهن اسان جي گهر ايندو هو. کيس هفتي اندر ويزائون ملڻ جو آسرو هو پر ٽن مهنن تائين ويزائون نه مليس. مجال آهي جو هن جي منهن ۾ گهنج پوي. مايوسي کانئس ڏور ڀڄندي هئي. هن جي منهن تي جيڪا سدا بهار مشڪ هوندي هئي، سا اڄ پيئي ياد اچي. گذريل تيرهن چوڏهن سالن ۾ گهٽيون ئي لاهيون چاڙهيون هن ڏٺيون، پر مون نه ڪڏهن مشڪ بنا سندس منهن ڏٺو. مان سمجهان ٿي "جليل دل جلي، پر سڀ لب مسڪرائين" اهو يا ان قسم جو شعر مٿس لکيل هوندو. رڳو مسڪرائي اِئين به نه، پر مشڪ خوشبوءِ ورهائڻ جو سندس مکيه ڪم هو. باقي ٻيا ڪم ڪرڻا آهن تنهن ڪري ڪندو هو. جيڪڏهن اڳلي وٽ خوش ٿيڻ لاءِ سبب نه هوندو ته هو پنهنجي خوشي سندس جهول ۾ ڪٺي وجهندو. اَلائي گهٽين جو آسرو ۽ اعتبار هو! کيس شايد خبر به نه هئي.

لاءِ ڏيندي چيم، ياءُ! پٽاٽا اَٽو راتوڪا! چيائين ٻڌو... مون کي ته سٽن ڏينهن جا رکيل ڏيو ٽڏهن به مان کائي وڃان. منهنجي زال هڪ آرتوار تي چٽا رڌيندي آهي ته مان ٻئي آرتوار تائين چٽا ٻ ٻروٽي پيو کائيندو آهيان. هڪ ٻـ چٽو زيان نه ڪيان. اَن کو زيان ڪبو آهي ڇا؟

پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ٻڌائيندو هو ته پيڻ مان اَناٿن وانگر پليس. مائٽ ننڍي اُي يتيم ڪري ويا. هڪ مائٽ هو ڪلياڻ ۾ تنهن ديا ڪري پاڻ وٽ رهايو هو. هڪ ڏينهن منهنجي پيٽوئي کي مون تي قياس پئجي ويو سو ڪلياڻ مان وٺي اچي باندرا ۾ پاڻ وٽ رهايائين. غريب حال ۾ ٻـ مون کي پٽ وانگر پاليائين. پر قسمت اهڙي جو هڪ اهڙو خراب ڏينهن آيو ءِ پيٽو يو اچي مٿيو چوي تو چوري ڪئي آهي. مون کي پوليس جي حوالي ڪٽي ڪيائين. ياءُ جي اِها ڳالهه ٻڌي مون ڇرڪ پريو هو. چيو هوم، ننڍي هوندي کان ڏاڍا ڏک ڏٺا اَٿو. چيائين، نه نه! اِهو ڪو ڏک آهي ڇا؟ اَڄ به اُن پيٽوئي وٽ ويندو آهيان. پهريون دفعو جڏهن دبئيءَ آيو هوس تڏهن پيٽوئي لاءِ فل سوٽ جو ڪپڙو وٺي ويو هوس. مان ته سندس ٿورا مڃيندو هوس وري ٻـ مون تي هٿ نه رکيائين! ٻيون ڳالهيون ياد ڪبيون آهن ڇا؟

هڪ دفعي پنهنجي هڪ مائٽ جي ڳالهه ڪيائين ته ماءُ مان اچي ڪڪ ٿيوءِ هن کي رهائڻ جي نه ڪري. اُن ٻڍڙيءَ کي مان پنهنجي گهر وٺي آيس. زال کي چيم هيءَ منهنجي ماءُ اٿئي. توکي سس هجي ها ته رهائين ها نه... ڇال جي هڪ ننڍي ڪمري ۾ مان، زال، ٻه ٻارءِ ٻڍڙي گڏ رهياسين. جيسين جيئري هئي منهنجي گهر ۾ راڄ ڪيائين. کائي ته ڇا، هاري ته ڇا. روز اَڇو ڌوتل اِستري ٿيل وڳو

ڦلاڻو ماڻهو ايندو اُن کي ڏجو. مون چيو ڀاءُ! مان ڪيئن اُن کي سڃاڻندس؟ چيائين منهنجو نالو اچي وٺندو. اُن ماڻهوءَ نالو ته ڀاءُ جو ورتو پر ڏيڻ کان هٽڪان پيئي. آخر پئسا ڏيئي کيس چيم جيئن اُئي پهچو ڀاءُ کان فون ڪرائجو. پر ڀاءُ جو فون سڄو ڏينهن نه آيو. مان ڏاڍي پريشان. شام جو نيٺ جتي هو رهيل هو اُتي وڃي پهتيس. مون کي ڏسي خوشيءَ ۾ ڦوليو نه سمايو. ڪرسي ڇنڊي ڦوڪي ويهڻ لاءِ چيائين. مون چيومانس وهان تہ پوءِ ٿي پهرين ٻڌايو پئسا مليو؟ چيائين ڇو نہ ملندا؟ چيومانس تہ پئسا ڏيندي ڏکان پيئي. چيائين ڏکبو آهي ڇا؟ ڇا ڏکندو ڪائي ڪائي پئسا ڪائيندو ساه تہ ڪونہ ڦريندو؟ ساه تہ پرماتما جي وس آهي. ساه آهي تہ پئسا ٻہ ٿي پوندا.

پئسو اَڇٽي وڃڻ شيءِ. پئسو هٿ جي ميل. اِئين ٻہ چوي پر پئسي جي اَهميت کان اِنڪاري ٻہ نہ هو. پئسو ڪمائڻ ۽ ٻمبئيءَ ۾ پنهنجي جهڳي ٺڪري ٺاهڻ لاءِ ڏاڍا هٿ پير هنيائين. پر سنڌ سڀاءُ ساڳئي جو ساڳيو. چال ۾ رهندو هو تڏهن ٻہ ساڳيو جي بنگلي جهڙي فليٽ ۾ رهڻ لڳو تہ ٻہ عادتون اُهي ئي...

هن کي مرچ ڏاڍا وڻندا هئا. جيڪڏهن ماني کائيندي کيس ڀاڄي ڦڪي لڳي تہ رڌڻي مان وڃي ساوا مرچ ڪڻي ايندو ۽ هڪ هڪ گره سان سائي مرچ جو چڪ هڻندو. مٺاڻ ٻہ وڻندو هوس پر مٺاڻ کائڻ جي سخت منع هئس. چوندو هو مٺاڻ مون لاءِ زهر برابر آهي. جيڪڏهن ڏوريءَ ڊبر لاءِ ايندو هو تہ ڦڪي چانهہ، ڪاري سوڊا يا ڪاري لسي پيئندو. صبح سوير ڪنهن مهل آيو تہ چوندو پهرين ڏوڏي کارائو. هڪ دفعي کيس ڏوڏيءَ سان گڏ ڦڪي چانهہ ۽ ٻوڙ بنا لا

اِئين ته مؤت جنم کان وٺي اِنسان جو پيڇو ڪندو آهي پر پاڻ سترهن سالن کان گويا اکين سان ڏسي رهيو هو ته مؤت سندس پٺيان پيو اچي... تنهنڪري ئي شايد اڄ بمبئيءَ تہ سڀاڻي دهليءَ، اڄ اَجمير ته سڀاڻي دبئيءَ. ڪڏهن لنڊن ته ڪڏهن هالاڻيءَ وڃي پهچندو. هالاڻيءَ وارن سنتن سان سنڌ وڃي اَصل هالاڻيءَ جي دربار به ڏسي آيو. حقيقت ۾ سنتن کي هالاڻيءَ وٺي ئي پاڻ ويو.

هڪ دفعي مون کي منجهيل ڏنائين تہ چيائين، ڳڻتي ڪرڻ سان اڄ تائين ڪجهه مليو اٿو؟ نہ جيئڻ وس ۾ نہ مرڻ وس ۾. نہ شاهوڪاري وس ۾ نہ غريبي وس ۾. زندگي هڪ ڊرامو آهي، هڪ فلم آهي. ويڊيو ۾ ڪيسيٽ وجهو ٿا پوءِ ڏسو ٿا ويهي. ڪيسيٽ تہ اڳي ئي پريل آهي. توهان جي حياتيءَ جي ڪيسيٽ بہ اڳيئي پريل آهي. ڦيرائي ڪجهه بہ نہ سگهندا. هوءَ ڪيسيٽ تہ Rewind بہ ٿي سگهندي آهي. حياتيءَ جي ڪيسيٽ Rewind بہ نہ ٿي ٿي سگهي. پوءِ ڇا جي ڳڻتي؟ مون کي ڪڏهن ڳڻتي ڪندو ڏٺو اٿو؟ پڇيو مانس، ”توهان کي ڳڻتي ڪڏهن ڪانہ ٿئي؟“ چيائين ڪڏهن نہ. مان ڳڻتي ڪين ڪيان باقي اُدم ڪندو رهندو آهيان. اُدم ڪرڻ منهنجو فرض.

اَڄ صبح جو پڌم تہ مؤت نيٺ کيس پڪڙي ورتو. ڊاڪٽرن تہ کيس سترهن ڏينهن جيئڻ لاءِ ڏنا هئا پر پاڻ سترهن سال مؤت کي پنهنجي پٺيان ڊيڪايو هو. هن جي حياتيءَ جي ڪيسيٽ پوري ٿي ويئي ريوائينڊ نہ ٿي ٿي سگهي. هو ڪنهن ڏرمي آستان ٿي ويل هو. سنتن ۾ گهڻو صدق هوس. پڌم تہ ساهہ بہ سنتن جي هٿن ۾ ڏنائين.

ڀريندي هئي پوءِ به منهنجي زال کي ستائيندي هئي. ٻـو
مان زال کي چئي ڇڏيو هو ته ٻڍاپو آهي نه... تنهنجي منهنجي
مٿان به اِهو وقت ايندو. هن کي خوش رکڻو آهي... اُتي جو
اُتي چيائين مان ڪير ٿيندو آهيان ڪنهن کي ڪارائڻ وارو...
ڪارائڻ وارو ته مالڪ آهي... هن ٻڍڙيءَ پنهنجو نصيب ڪاڏو...
هڪ هڪ ڳالهه ۾ قسمت ۽ ڏٽيءَ کي آڻيندو هو. تڏهن مون
کي به عادت پئجي ويئي هئي ساڻس ڳالهائيندي نڪري
ويندو هو... ياءُ! جيئن ڏٽيءَ کي وٺندو ته اُچاڄي چوندو
اِها ڳالهه ته ورجائي ڇڏجو!

بيماري به اهڙي جهڙي نه، نگري هئس پر ڪڏهن ڪٽي
پڇانس، ياءُ! ٺيڪ ته آهيو؟ چوندو ٻاڪل ٺيڪ آهيان مون
کي ڇا ٿيو آهي؟ ڊاڪٽر بيمار آهن... هن جو هر وقت اِهو
جواب ٻڌي ٻڌي اَسين به سندس بيماري وساري وينا
هئاسين. اَج اَچي اِها ڳالهه ياد پيئي آهي ته جيئن ئي واقف
ٿيو هو تيئن ئي ٻڌايو هئائين ته اِسپتال مان ڀڄي نڪتل
ڀاڄوڪڙ آهيانو... نئشنل هاسپيٽل ۾ هوس... ڊاڪٽرن چيو،
تون باقي سترهن ڏينهن جيئندين. ٻه ٽي ڏينهن مؤت کي
پاڻ ڏانهن ايندو محسوس ڪيم پوءِ غصو اَچي لڳو ته هي ڇا
هيئن ويچارو ٿي مران؟ ڏينهن جو هڪ هڪ پل مؤت جو
انتظار ڪيان؟ مرڻو ئي آهي ته ڇو نه ڪائي پي کلي، پنهنجن
پيارن جي ير ۾ مران. اِسپتال ۾ ڇو مران؟ هي ته مون کي
بچائيندا ڪونه. سو رات جي وڳڙي ۾ اُتان ڀڄي نڪتس. اج
ڇهه سال ٿيا آهن مان ڀاڄوڪڙن وانگر ڀڄي رهيو آهيان.
مؤت منهنجي پٺيان ڀڄندو ايندو هوندو پر جڏهن پڪڙي
سگهي. اسان کي هيءَ ڳالهه ٻڌايائين تنهن کي به ٻارهن سال
ڪن ٿيا. سو مؤت سترهن سالن کان سندس پيڇو ڀلي ڪيو.

ٻرائو وهنوار

هن ڪي وار ناهيندي ڏهه منٽ ٿي ويا آهن پر وار نهڻ جو نالو نه ٿا وٺنس. پيلا سالن کان روز مٿي ۾ تيل وجهڻ جي عادت اٿس سو اڄ جو تيل نه وڌو اٿائين سو اَٽِيا وار ناهيندي ناهيندي ڪڪ ٿي پيو آهي. سوچي ٿو سنان جاءِ ۾ وڃي وارن ۾ تيل هڻي اچان پر اندر مان هڪل پيئي اچيس- نه نه! تيل ناهي وجهڻو.

هو وار ناهڻ مان اچي ڪڪ ٿيو آهي ۽ سنيتا وري ڪيس نيرن لاءِ سڏي ڪڪ ٿي پيئي آهي. هو جيئن سنان تان نڪرندو آهي تيئن سنيتا سندس نيرن ميز تي رکندي آهي. جيڪڏهن هو پهرين ميز وٽ پهچي ويو ۽ سنيتا نيرن آڻڻ ۾ ٿوري دير ڪئي ته هو ڪيس چوندو آهي سنيتا! اڄ ته نيرن تان هٿ کڻڻو پوندو. مون کي آفيس ۾ دير پيئي ٿئي- ۽ سچ پچ نيرن ڇڏي وڃڻ لڳندو آهي. سنيتا چوندي آهي: جيڪڏهن آفيس ۾ پنج منٽ دير سان پهچندا ته آفيس جي ڇت ڪري پوندي ڇا؟ جواب ۾ هو چوندو آهي، ڇت ته ڪانه ٿي ڪري پر منهنجو پنهنجو اصول ته ڪري ٿو نه... توکي خبر آهي... سنيتا کلندي سندس جملو پورو ڪندي چوندي آهي... ها مون کي خبر آهي ته منهنجي گزيٽيڊ آفيسر مڙس کي آفيس ۾ هڪ منٽ به دير سان پهچڻ نه وڻندو آهي. هو ڏهن ۾ پنج منٽ آفيس پهچڻ پسند ڪندو آهي... پوءِ هو ٻئي کلندا آهن ۽ هو گهر مان نڪري ويندو آهي.

سنيتا رڌڻي ۾ ڪم ڪندي سوچي رهي آهي ته اڄ سندس

مون هميشه هن کي رواجي ماڻهو ڪري ليکيو هو پر هن رواجي ماڻهوءَ جي موت جي خبر دنيا کي ڪيڏو ويڳاڻو ڪري ڇڏيو آهي. دنيا هڪ وڏو مٽ وڃايو آهي، پر ڪير به کيس وڃائڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڪير اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي ته ڪو هو مري ويو آهي ڇو ته هو مرڻ جهڙو ماڻهو نه آهي! ●

هُنَ جا وار ڪيئن نهيل آهن ۽ هُنَ جي وارن ۾ تيل پيل آهي يا نه - پر ٽن نوجوانن جي وارن ڏانهن ڌيان ٿو وڃيس جيڪي هيپر اِسٽائيل جي ڪري ڏاڍا سمارٽ پيا لڳن. هو سوچي ٿو جوانيءَ ۾ گهاٽا ڪارا وار تيئن ٿــا سو اُهي ڪيئن به ٺاهجن ته سٺا لڳن - هو اِهو به جاچي ٿو ته اُنهن نوجوانن جي وارن ۾ تيل پيل ڪونهي. هُنَ جــي اَڌين وارن مان ٿــوري شوخي بڪي رهي آهي پر اُها شوخي هُنَ کي نهي ٿـــي. منٽ ڪن اُنهن جوانن جي وارن کي جاچڻ بعد هو پاڻ جهڙن وچولي عمر جي ماڻهن ڏانهن ڌيان ٿو ڏئي. هن کي اِئين ٿو لڳي ته هُنَ جي ٻوارن ۾ تيل پيل ڪونهي. هُنَ جا اَڌ اَڇا اَڌ ڪارا وار، ڪجهه قدر بگڙي پيا آهن پر تڏهن بہ اُهي شخص ڪافي سمارٽ ٿا لڳن. ڪن ٿورن ئي ماڻهن جي وارن ۾ تيل پيل آهي. اُنهن جي سڌين وارن تي نظر پوندي ئي هو سوچي ٿو برابر، اُهي ماڻهو سمارٽ نہ ٿا لڳن. ڪالهه تائين پاڻ به هُنَ جهڙو لڳندو هوندو پر اَڄ ... اَڄ هن جا وار اُڏيا آهن. اَڄ هو بہ سمارٽ لڳندو هوندو. اَلبت سمارٽ لڳڻ جي موهه ۾ هن جي ٽرين جي مسافري اَڄ اُهڙي نرچنت نہ آهي جهڙي هوڻ هوندي آهي. گاڏيءَ جي رفتار سان هلڻ سبب درن درين مان تيز هوا اَچي هن جا وار بگاڙي رهي آهي. هن کي هر هر هٿ سان وار سنوارڻا ٿــا پون! هوڻ ڪيس اُهڙي ڪا چنتا نـــہ هوندي آهي.

هن اَخبار جهڙي تهڙي پڙهي پوري ڪئي. اُن بعد جيسين بوري بندر پهچي تيسين هن اکيون بوٽي ڇڏيون. سوچيائين نہ اکيون کليل هونديون نہ ڪنهن جا وار ڏسندس نہ وارن بابت سوچيندس.

بوري بندر تي پهچي آفيس طرف هوڻ ڪان ٽڪڙو پنڌ

ڳھوٽ کي تيار ٿيڻ ۾ دير اَلائي ڇو ٿي آهي. هوءَ رڌڻي مان ٻاهر به نڪري نه ٿي سگهي جو ڪيس سمجهي پيو ته ٽفن واري جي اَچڻ ۾ باقي اَڌ ڪلاڪ مس آهي. گئس جي ٻنهين چلهن تي ڀاڄيون سجهي رهيون آهن. اَڃا ڪيس ڦلڪو پچائڻو آهي ۽ سلاد ناهڻو آهي ...

هو جيئن تيئن وارن جي اسٽائيل ٺيهاري آفيس لاءِ نڪرندي چوي ٿو، "سنيتا! ڏاڍي دير ٿي وئي آهي. نيرن به اَڄ ٽفن ۾ ڪٽي ڇڏجانءِ. منجهند جي مانيءَ سان گڏ کائيندس."

سنيتا اَٽو ڳوهڻ اَڌ ۾ ڇڏي رڌڻي مان نڪري آئي. چيائين، "توهان اَڄ سنڀرڻ ۾ دير ڪيئن ڪئي؟"

"بس - دير ٿي وئي"

"ڇڱو آفيس پهچي چانهه سان هڪ ٽوسٽ کائجو."

هوءَ گهوٽ کي دروازي تائين اماڻڻ آئي. هو کلندي کلندي گهر مان نڪري ٿو وڃي.

رستي تان ٽڪڙو ٽڪڙو پنڌ ڪندو سٽون ڏيندو گهاٽڪوپر اسٽيشن جي ٻئين نمبر پليٽفارم تي اَچي ٿو پهچي. ٽرين اَچڻ ۾ اَڃا هڪ ٻه منٽ پيو آهي. واچ ڏانهن نهاريندي سوچي ٿو ڪهڙو نه بيوقوف آهيان جو وارن ۾ تيل نه وڌو اٿم ۽ پاڻ کي نيرن کان وانجهيو اٿم. نيرن کائڻ وهان ها ته هيءَ نو - ويهه واري ٽرين گسي وڃي ها پوءِ وري نو - ستاويهه ٽرين ملي ها ۽ آفيس ۾ ڏهه منٽ دير سان پهچان ها.

هن کي ٽرين ۾ ويهڻ جي جاءِ ملي ٿي وڃي. هونءَ ويهڻ جي جاءِ ملندي اٿس ته ويهندي سان بريف ڪيس مان اَخبار ڪڍي پڙهڻ لڳندو آهي. پر اَڄ ڪيس اَخبار پڙهڻ تي دل ئي نه ٿي ٿئي. اوسي پاسي ۾ ويٺل ماڻهن ڏي ا‍و جاچي ته

هن کي پنهنجي ڌيءُ رتنا تي ياد اچي. هوءَ جڏهن به مٿي جي سور جي دانهن ڪري تڏهن هو ڪيس چوندو آهي ته تون وارن ۾ تيل ڪانه ٿي لڳائين تنهنڪري تو کي مٿي ۾ سور ٿو پوي. تنهنجو مٿو خشڪ ٿي ويو هوندو... ۽ اڄ هن پاڻ فيصلو ورتو آهي ته وارن ۾ تيل نه هڻندس. جي ڪڏهن رتنا جو منهنجن وارن ڏانهن ڌيان ويو ته هوءَ ضرور چوندي، دادا! ڇو اڄ وارن ۾ تيل لڳائڻ وسري ويو اٿو ڇا؟... ته مان هن کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟

ڪئنٽين وارو ڇوڪرو چانهه ۽ ٽوسٽ ڪٽي ٿو اچي. هونءَ هر روز هن مهل هو صرف چانهه جو ڪوپ گهرائيندو آهي. گهاٽڪوپر کان فلورا فائونٽين تائين پهچڻ سبب جيڪو ڪيس ٿڪ ٿيندو آهي اهو چانهه جي ڪوپ سان گويا لهي ويندو اٿس. اڄ به ٽوسٽ بنا ڪم هلي وڃي ها... هن کي بک ڪانه لڳي هئي. هو جڏهن نيرن نه کائي ايندو آهي تڏهن به صرف چانهه پي آفيس جي ڪم کي جنبي ويندو آهي. هن کي ڪل ئي ڪانه پوندي آهي ته هڪ ٻڄ تائين وقت ڪيئن اُڏامي ويو. پوري هڪ ٻڄ جڏهن سندس ٽفن وارو ايندو آهي تڏهن هو پهرين واچ ۾ وقت ڏسندو آهي. پوءِ ٽن ڪلاڪن ۾ جيترا فائيل نيڪال ڪيا هوندائين اُنهن تي نظر وجهندي پنهنجيءَ قابليت تي خوش ٿيندو آهي.

پر اڄ فائيلن ۾ سندس ڌيان ئي ڪونهي، جيتوڻيڪ چار ڪيس ڪيس ترت نيڪال ڪرڻا آهن. لنچ ٽائيم کان اڳ ۾! چانهه ٽوسٽ ختم ڪري پهريون فائيل کولي ٿو. ٻه اڍائي پنا پڙهڻ بعد کيس لڳو ته سندس ڌيان ڪم ۾ اصل ڪونهي. فائيل بند ڪري واچ ۾ وقت ٿو ڏسي. ساڍا ڏهه لڳا آهن. سوچي ٿو هاڻي مسز آسواڻي اچي ويئي هوندي ۽ ڪيس

ٿو ڪري. جيئن ئي آفيس جي عمارت وٽ پهچي ٿو ته تيئن ئي هن جون نظرون مسز آسواڻيءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ ٿيون. وس پڄيس ها ته جيڪر لفٽمئن کان پڇي ها ته مسز آسواڻي مٿي ويئي آهي يا نه. جيڪڏهن نه ويئي هجي ته هو لفٽ وٽ ئي بيهي رهي. جڏهن هوءَ اچي تڏهن ساڻس گڏ لفٽ ۾ چڙهي. پر لفٽمئن کان اهو سوال پڇڻ کيس واجب نه ٿو لڳي. چپ چاپ لفٽ ۾ چڙهي ٻئين ماڙي تي پهچي پنهنجيءَ ڪئبن ۾ پهچي ٿو وڃي.

پنج منٽ به نه گذريا ته هن گهنٽي وڄائي. پٽيوالو اندر آيو ته هن کيس چانهه ۽ ٽوسٽ آڻڻ لاءِ چيو. پٽيوالو ڪئبن مان ٻاهر وڃڻ تي هو ته هن کيس سڏ ڪري بيهاريو. چيائين، "جوشي! ڏسجانءِ مسز آسواڻي آئي هجي ته هن کي اندر موڪلجانءِ. هوءَ سڀاڻي کان موڪل تي ٿي وڃي. کيس چارج رپورٽ ڏيڻي آهي ..."

"ڏسان ٿو سر ..." پٽيوالي جي هلڻ وڃڻ بعد هو سوچي ٿو جيڪر جوشيءَ کان ڳالهه وسري وڃي ته سٺو. هن هتان نياپو ملڻ سبب جيڪڏهن مسز آسواڻي مون وٽ ايندي ته مان کيس ڇا چوندس. هوءَ پاڻهي چارج رپورٽ تيار ڪندي ۽ برانچ آفيس مان جيڪو ڪلارڪ سندس جاءِ تي ٻن مهنن لاءِ آيو آهي تنهن کي ڏيندي. منهنجو ته اِن معاملي ۾ ڪو ڪم ئي ڪونهي. سپرنٽينڊنٽ پڌمنابن جو ڪم آهي اِهو ...

هن کي پنهنجو وهنوار پسند نه آهي ... هن کي ڇا ٿيو آهي. اَڄ ڇو بيوقوفيءَ جي حالت هلي رهيو آهي. فائيلن مٿان رکيل پيپر ويٽ کڻي اُن کي هٿ ۾ ڦيرائي ڦيرائي زور سان ميز تي کڻي ٿو سٽي ... ۽ پوءِ پنهنجي ڪرسيءَ جي ٻانهن تي کڻي ٿو اُڇلائي!

ها ته هو اَچا به پارڪ کي ڦهلائي وهي ها.

پٽيوالو ايندي سان چوي ٿو، ”سر! مون مسز آسواڻيءَ کي توهان جو نياپو ڏنو هو. هوءَ ڪانه آئي ڇا؟“

هو اِئين ٿو ڏيکاري ڄڻ اِن ڳالهه ۾ سندس ڪا دلچسپي ڪانهي. پٽيوالي کي چوي ٿو، جوشي! مون توکي ڪافي آڻڻ لاءِ سڏيو آهي. اَڄ مٿي ۾ ٿورو... سور آهي. جوشي وڃڻ وارو هو ته هن کيس سڏ ڪري چيو، ”جوشي! تون وارن ۾ تيل وجهندو آهين؟“

جوشيءَ حيرانيءَ مان منجهندي وراڻيو، ”سر! وارن ۾ تيل... ها! مان رڳو آرتوار ڏينهن وارن ۾ تيل هڻندو آهيان.“

هو جوشيءَ جي وارن کي جاچيندي چوي ٿو، ”تنهنجا وار سٺا آهن ڏاڍا... گهاٽا گهڻ ڀدار.“

جوشيءَ جي منهن تي مرڪ اَچي ٿي وڃي. هو ويندي ويندي چوي ٿو، ”ڪافي موڪليان ٿو، سر!“

جيسين ڪافي اچي تيسين هن کي سجهي ئي نه ٿو ته هو ڇا ڪري. هو سوچي ٿو: جوشيءَ مسز آسواڻيءَ کي منهنجو نياپو ڏنو پوءِ به هوءَ ڪانه آئي سو ڇو؟ وري پارڪ کان پڇيائين ته مون جوشيءَ کي اِئين ڇو چيو ته مون کي مٿي ۾ ٿورو سور آهي... مون کي ته مٿي ۾ سور ڪونهي. مون کي اِئين ئي ڪافي پيئڻ تي دل ٿي!

اَڄ هن کي پنهنجو وهنوار ڄڻ پرائو پيو لڳي. سوچي ٿو ڪم ۾ به دل نه ٿي لڳي تنهن کان ته اَڌ ڏينهن موڪل ڪري گهر هليو وڃان. پر اِها به ڳالهه کيس نه ٿي آڙي.

ميز تي رکيل پن ڪشن پارڪ ڏانهن سيري ٿو. اُن مان ٽاچنيون ڪڍي وري واپس وڌائين؛ پوءِ پن ڪشن کي اُبتو ٿو ڪري... وري سبتو، وري اُبتو...

جوشي پٽيوالي ضرور منهنجو نياپو ڏنو هوندو.

فون جي گهنٽي ٿي وڄي. هو رسيور کڻي چوي ٿو، "راماڻي" سينئر آفيسر وئديه جو فون آهي. چوي ٿو: مدراس مان ڪرناٽيءَ جي تار آئي آهي. پڇيو اٿائين ته مونکي رليو ڪير ٿو ڪري. هو 17 تاريخ کان موڪل تي وڃڻو آهي..."

راماڻي چوي ٿو، "سر! اڄ اطلاع موڪليون ٿا. ڪپور جي مدراس ۾ پوسٽنگ جا آرڊر موڪلي چڪو آهيان."

فون ڊسڪنيڪٽ ڪرڻ بعد هو ٿورو مايوس ٿي وڃي ٿو. سوچي ٿو جيڪڏهن آفيس ۾ پهچندي سان ڪرناٽيءَ کي اطلاع ڊسپئچ ڪرائي ڇڏيان ها ته وئديه سان وڌيڪ فلڪ سان ڳالهائي سگهان ها. مون کي ڪرڻو ڇا هو؟ رڳو پدمنابن کي هدايت ڏيڻي هئي...... اجايو اچي چانهه ٿو سٽ جي جهنجهٽ ۾ پيس... وري سوچي ٿو وئديه کي ڪرناٽيءَ جي تار ڏسي مون کي فون ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڪرناٽي سندس پرسنل فرينڊ آهي اِن ڪري فون ڪيائين نه ته اهڙيون گهڻيون ئي تارون اينديون آهن ۽ اسين روٽين موجب اُن ئي ڏينهن ورائيندا آهيون وئديه ته ڪڏهن فون نه ڪندو آهي... ڪڏهن ڪڏهن سينئر آفيسر جي حيثيت جتائڻ لاءِ به اَجايا سجايا فون ڪندو آهي. نهيو هاڻي وئديه بابت سوچڻ ڇڏيان ۽ ڪم ڪريان.

هڪڙو فائيل اُکلائڻ ۾ هن کي ڪلاڪ لڳي ٿو وڃي. هو واچ ۾ وقت ٿو ڏسي. پوڻا ٻارهن بجا وقت ٿيو آهي. هون ۽ هن مهل تائين ٻه يا ڪڏهن ٽي فائيل به نيڪال ڪري وٺندو آهي. اَڄ ڪيس ٻيو فائيل کولڻ ئي نه ٿو ٻڄي. هو ڪرسيءَ ۾ پاڻ کي ٻرڪائي گهنٽي ٿو وڄائي. اَڄ ڪرسي ڪيس سوڙهي ليڻي لڳي. جيڪڏهن ڪرسي ڪشادي هجي

مان هاڻي ڪافي ٻي پيئي اُچان سر! توهان صبح جو مونکي ڇا لاءِ سڏايو هو ... "

راماڻي چوي ٿو، "مون کي ڪو خاص ڪم ڪين هو ... حقيقت ۾ ڪو به ڪم ڪين هوم. صرف پڇڻ پئي ته توهان جي جاءِ تي جيڪو برانچ آفيس مان ڪلارڪ اُچڻو هو ... سو اُچي ويو؟ "

"سر! اُهو ته ڪالهه ئي اُچي ويو. توهان کي خبر ڪانهي؟"

"ها ها ... ڪالهه مونکي مليو به هو پر اَڄ صبح جو مون کي اِها ڳالهه ڌيان ۾ نه هئي ... "

" Once again thanks for garnting Laeve !او. ڪي سر "

هوءَ آئي ۽ هلي به وئي ... مسز آسواڻي آئي پر بنا ڪجهه چوڻ جي هلي وئي! هن جو اِن ڳالهه ڏانهن ذرو به ڌيان نه ويو ته راماڻي وارن ۾ تيل هڻي آيو آهي يا نه ... اڄ هن جا وار اَڻيا آهن اِها ته مسز آسواڻيءَ کي خبر به نه پيئي ...

مسٽر راماڻيءَ جو هٿ پنهنجن وارن طرف کڄي ويو!

●

ڪئنٽين وارو ڇوڪرو ڪافي کڻي ٿو اچي. هو ڪافي پيئندي ڪم ۾ دل لڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. کيس خبر پوي ٿي ته هو اڄاتري نموني فائيل اٿلائي رهيو آهي ان لاءِ پاڻ کي معاف ڪري ٿو ڇڏي. سوچي ٿو مڙيوئي ڪم ته اڪلندو. سرڪاري دفتر ۾ ڪم ڪندي پورا ٣٠ سال ٿيا اٿم. گزيٽيڊ آفيسر جي پوسٽ به ڏهن سالن کان سنڀالي اٿم. هتي اهڙو ڪهڙو ڪم آهي جيڪو دل جان سان ڪجي. ڪهڙي به نموني ڪم ڪجي هتي گاڏو گهلجندو رهندو آهي. اِها ٻي ڳالهه آهي ته منهنجي سڀاءَ ۾ اِها ڳالهه ڪانهي ته اڄاتري نموني ڪم ڪريان...

ڪافي پي پوري ڪرڻ کان پوءِ هو سوچي ٿو ڪلوڪ روم ۾ وڃان. اِهو خيال کيس ڪجهه قدر ضرورت جي ڪري آيو ۽ ڪجهه قدر اِن ڪري ته سيڪشن مان وڃڻ ۽ موٽڻ مهل لنگهندو ته شايد مسز آسواڻيءَ جي مٿس نظر پوي... ۽ جيڪڏهن جوشيءَ جو ڏنل نياپو وسري ويو هوندس ته مون کي ڏسندي ياد اچي ويندس ته مون کيس سڏايو آهي...

هن جو اِهو خيال صحيح ثابت ٿيو. هو جيئن ئي ڪلوڪ روم مان موٽي ڪئبن ۾ پهتو تيئن ئي مسز آسواڻي Excuse me چئي اندر اچي ٿي. چوي ٿي، ”سر! معاف ڪجو مان صبوح جو توهان وٽ ڪانه آيس. مون کي جوشيءَ چيو هو، پر مان چارج رپورٽ تيار ڪري رهي هئس. هينئر ڪم پورو ڪري توهان وٽ آئي آهيان...“

هوءَ جيڪي چئي رهي آهي سو رامناڻي گويا ٻڌي نه رهيو آهي. هو کيس ڪرسي آڇيندي چوي ٿو، ”وهو وهو مسز آسواڻي! ڪافي پيئندا؟“ اِئين چئي هو گهنٽي وڄائڻ وارو هو جو مسز آسواڻيءَ منع ڪندي چيو، ”سر!

ويندي‌يس بيوٽي پارلر ۾. تو ته منهنجي دل ئي ٽوڙي ڇڏي.
هن چيو هو، ”تنهنجي ٽٽل دل اڃا جوڙيندس. توکي تمام گهڻو پيار ڪندس.“

”سچ؟“ ريما سندس رنگين زباني ٻڌي ٻوڏ ۾ پوڄي ويئي هئي...

هو سوچي ٿو هون‌ء اڄ به جيڪر فون ڪريان پر ريما جي پيڪي گهر ۾ فون ڪونهي. ونس هنن جي پاڙيسريء جو فون نمبر آهي پر پاڙيسري ريما کي ڪونين نه ڪونين. اهي پاڙيسري ڏاڍا رخي سياءُ جا ماڻهو آهن. پنهنجو فون نمبر ڪنهن کي ڏيندا ئي ڪونهن. ريما کي صرف ان لاء ڏنو اٿائون ته جيئن اُرتي سرتيء ۾ ڪم اچي.

هو ڏاڙهي لاهيندي سوچي ٿو ته اڃا سڄهيم نه ٿو ته تار ۾ لکان ڇا. ڪنهن ٻئي جي شاديء جو سالگره هجي ته سوچڻ جي ضرورت ئي نه پوي. شپ ڪامنائون موڪلڻ کهڙي نه سنهنجي ڳالهه آهي. پر پنهنجيء زال کي ڪهڙيون شپ ڪامنائون موڪليان؟

هن کي ياد ٿو اچي. شاديء جي شروعاتي سالن جو هڪ شاديء جو سالگره. اُن ڏينهن اَلائي اِئيس ڪيئن ٿيو هو جو کيس ياد ئي نه آيو ته اڄ سندس شاديء جو ڏينهن آهي. ريما کي ايڏو ڏک ٿيو هو جو صبوح جو جيئن هو آفيس وڃڻ لاءِ نڪري رهيو هو، تيئن هوء روئڻ ۾ اچي چڪي هئي. هن عجب ۾ پئي کانئس روئڻ جو سبب پڇيو ته ريما سڏڪندي چيو هو: بس مان ته اجايو ڪڏندي آهيان ته تون مون کي ڏاڍو پيار ڪندو آهين ...I am Lueky Wifc

سالگره

پمي جي جيئن ئي اک کلي تيئن ئي ٽپ ڏئي اٿيو. اڄ هن بسترو ڇڏڻ ۾ هڪ منٽ جي به سستي ڪانه ڪئي. حقيقت ۾ هن هفتي کن کان پئي سوچيو ته اڄوڪي ڏينهن سويلو اٿندس ۽ آفيس وڃڻ کان اڳ جنرل پوسٽ آفيس مان ريما کي تار ڪندس. هو ان ڳالهه تي به سوچيندو رهيو آهي ته تار ۾ لفظ ڪهڙا لکي. ائين ته پوسٽ آفيس وارن وٽ شاديءَ جي سالگره جي موقعي تي ڪهڙا سنيها موڪلجن انهن جي لسٽ موجود هوندي آهي. هو سوچي ٿو ته ان لسٽ مان جيڪو سنيهو دل کي وڻي اهو تار ۾ موڪلي سگهان ٿو پر وري سندس دل اها ڳالهه نه ٿي مڃي.

پمي کي شادي ڪئي سترهن سال ٿيا آهن. اڄ کان اڳه صرف هڪ دفعو ائين ٿيو آهي جو شاديءَ جو ڏينهن پاڻ ۽ ريما هڪ ٻئي کان دور گذاريو هئائون. ان دفعي هو آفيس جي ڪم سان احمدآباد ويو هو ۽ گهڻو چاهيندي به وقت سر بمبئيءَ واپس پهچي نه سگهيو هو.

احمدآباد مان پمي پنهنجي هڪ دوست جي گهر وڃي ريما کي فون ڪيو هو. فون تي هنن جي جيڪا پاڻ ۾ گفتگو ٿي هئي اها ياد ڪري هن جي چهري تي روشني ڦهلجي ٿي وڃي. هن چيو هو... ريما! اڄ تو وٽ پهچي نه ٿو سگهان پر سڄو ڏينهن توکي دل ۾ کڻي گهمندس... تون نئين ساڙهي ضرور پائجانءِ ۽ بيوٽي پارلر ۾ ضرور وڃجانءِ... ريما چيو هو... ڪانه

به نه چيو آهي. اَلائي ڪجهه ٻڌين به ٿو اَلائي نه. اَڄ مان قسم ٿي کاڻ ته صبح جي وقت توسان ڪانه ڳالهائيندس. ٻهـي ڄڻ ڇرڪ پريو هو. هو سڄي پڄ ڪنهن ٻُور ۾ غلطان هو ۽ ريما جيڪو ڪجهه چئي رهي هئي سو خير ڪي ٻڌو هئائين. پـر ريما جي غصي هن کي سجاڳ ڪيو. ڏاڙهي لاهڻ اَڌ ۾ ڇڏي ريما کي پرچائيندي چيو هئائين... اَري...ري... اَهڙو قسم نه کاءُ. تنهنجو ڳالهائڻ ته صبح جي وقت مون لاءِ گرباٽـي آهي. مون کي گرباٽيءَ کان وانجهيندينءَ ته مان ڪيئن ڪندس؟ اِن طرح جون ڳالهيون ڪندي هو منٽ اَڌ زال جي پٺيان ڦريو هو. هوءَ چادر ڇنڊي ته کيس هٿ وڌائي. هوءَ ميرا ڪپڙا کڻي واشنگ مشين مٿان رکي ته ٻهو ميرا ٽوال ۽ ٻـارن جا اِسڪول يونيفارم کڻي اَچي... ٻهي جي اِن وهنوار تان ريما کي کل اَچي ويئي هئي کيس چيو هئائين... بس بس تـون ڌوتل ڪپڙا به ميرن سان گڏي ڇڏيندين... تو منهنجي گهڻي اَئي مدد ڪئي؛ هاڻي وڃي ڏاڙهي لاهه. اِئين چوندي ريما خوب کلي هئي. اُها کل هاڻي به ٻهي کي ٻڌڻ پيئي اَچي. سوچي ٿو نه ڄاڻ گهڻا ڏينهن گرباٽيءَ کان محروم رهڻو پوندو...

ٻهو ڦوهاري هيٺان بيهي سنان ڪري رهيو آهي. هن کي خيال ٿو اَچي ريما کي تار ۾ لکان you are fountain of Love هڪ کن لاءِ خوش ٿو ٿئي ته ها! اِئين ئـي لکندس. وري اُتي جو اُتي ٻاڻ کي چوي ٿو ته اِهو ڪو سهڻو پيغام نه آهي. ته ڇا لکان؟ تنهنجو پيار جل جهڙو نرمل آهي؟... اَسان جـو پيار چنڊ ۽ چڪور جهڙو آهي... اَسين گل ۽ خوشبوءِ جيان گڏ آهيون؟ ڇا لکان نيٺ!

ڇڏي ڏي... ٻهو ٻاڻ کي چوي ٿو ڇڏي ڏي! جڏهـن

منهنجو نصيب اِهو آهي تہ توکي ياد بہ ڪونهي تہ...

اُن مهل پمي کي ياد اچي ويو تہ اَڄ ١٣ آڪٽوبر آهي. هن ريما کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ نہ پرتي. اُهو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو گذريو هو. هو ڪيس روئندو ڇڏي آفيس هليو ويو هو ڇو تہ آفيس ۾ ڪا ضروري ميٽنگ هئي. شام جو سويلو موٽي هن ريما کي ريجهائڻ جي خوب ڪوشش ڪئي هئي پر هوءَ نہ روئڻ بند ڪري نہ پرچي. آخر پمي کي ڏاڍي ڪاوڙ اچي ويئي هئي. هن ريما کي چيو هو... هيءَ تہ بيوقوفيءَ جي حد آهي! جيڪڏهن مون کي شاديءَ جي تاريخ ياد نہ پيئي تہ تون چوندينءَ مان توکي پيار نٿي نہ ڪريان... واه! تو پيار ماپڻ جو سٺو ماپو ناهيو آهي... پمي پيو بہ گهڻو ڪجهہ ڪيس چيو هو... هو بنا ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي رسي سمهي پيا هئا!

پمي ڏاڙهي لاهي پوري ڪئي آهي. ڪيس اعتبار نٿي نہ تو اچي تہ ريما گهر ۾ ڪانهي پر ڪيس اِن ڪري اعتبار ڪرڻو ٿو پوي ڇو تہ گهر ۾ سانت آهي. هونءَ جنهن مهل هو ڏاڙهي لاهيندو آهي تنهن مهل ريما ساڻس اِلاهي ڳالهيون ڪندي آهي. اِئين تہ صبوح جو چانهہ پيئڻ مهل... ۽ جنهن وقت هوُ اَخبار پڙهڻ ۾ مصروف هوندو آهي اُن وقت بہ ريما کيس ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻڌائيندي رهندي آهي هن جون ڳالهيون ڪنديون ئي ناهن. دهليءَ روانگي ٿيڻ کان ٻہ ٽي ڏينهن اڳ ريما کيس ڏاڙهي لاهڻ مهل ڪا ڳالهہ ٻڌائيندي ڪاوڙجي پيئي هئي. چيو هئائين توسان ڳالهائڻ کان تہ ٻڌي مرجي، مان ڪيڏيءَ ديوار کان ڳالهائي رهي آهيان پر تو هڪ لفظ

تنهن جو سرو آهي: ”هنن ٻنهين جو الڳ رهڻ جو فيصلو“. پمي به ٽي ڏينهن اڳ جڏهن اها خبر ٽيليويزن تي ٻڌي هئي تڏهن کيس ڏاڍو جهٽڪو آيو هو. هن سوچيو هو ڪهڙي زال مڙس جا پاڻ ۾ جهڳڙا نه ٿيندا آهن؟ ڊائنا ۽ چارلس وچ ۾ ڪيترا نه جهڳڙا ٿين يا هو هڪ ٻئي کان ڪيترا نه علحدا هجن پر شادي ڇو ٽٽڻ گهرجي؟ هو سوچي ٿو پاڻ ۽ ريما سترهن سالن ۾ سوين دفعا وڙهيا هوندا پوءِ تنهنڪري ڇا؟ پرنس، ڊائنا کي چيو ته توکي ٻار نپائڻ جو ڏانو ڪونهي... هتي اسان وٽ وري ريما اها ڳالهه مونکي چوندي آهي ته ٻارن کي هلائڻ جو سمجهائڻ جو ڪر ڪونهيم.

پمي کي اها ڳالهه ڏاڍي چڙ ڏياريندي آهي جو ريما ان ڳالهه ۾ کيس پنهنجي پيءُ سان ڀيٽيندي آهي. هميشه چوي ٻار سنڀالڻ ته ڪير منهنجي پيءُ کان سکي! اسين ڪانئس ڏڪندا به گهڻو آهيون ته سندس عزت به گهڻي ڪندا آهيون. هڪ دفعي پمي کي ان ڳالهه تان اهڙو غصو لڳو هو جو ريما کي چيو هئائين انيل ۽ بينا منهنجا ٻار آهن. پڙهين وٽان ڪانه کڻي آئي آهين. هنن کي مان ائين نپائيندس، جيئن مان چاهيندس ۽ نه جيئن تنهنجو بابو چاهيندو! پمي جي ائين چوڻ تان ريما جيڪو گوڙ ڪيو هو!... پمو ياد ٿو ڪري ته سوچي ٿو ريما جي سڀاءُ ۾ غصو به ڏاڍو آهي ۽ ضد به! ڪنهن ڪنهن مهل نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيندي آهي!

ڊبل ڊيڪر بس ٿي اچي. هيٺ ويهڻ جي به جاءِ ڪانهي. تنهنڪري پمو مٿي ٿو وڃي. بلڪل پهرين سيٽ تي کيس ويهڻ جي جاءِ ملي. وهندي سان واچ ۾ وقت ٿو ڏسي. نو

جنرل پوسٽ آفيس پهچندس ۽ تار جو فارم ڪڍي لکڻ شروع ڪندس ته ذهن سوچڻ لاءِ وقت ئي نه هوندو. اُن مهل جيڪي لکجي ويو...

هو نوين بجي 81 نمبر جي بس اسٽاپ تي اچي ٿو پهچي. سوچي ٿو اڪثر هر ستين اٺين منٽن بس ايندي آهي. جيڪڏهن پهرين نه ٻين بس ملي ته به اٽڪل پوڻين ڏهين بجي بوري بندر پهچي ويندس. پندرهن ويهن منٽن اندر جنرل پوسٽ آفيس مان تار ڏيئي ويندي پوءِ بئلرڊ پيئر آفيس تائين پنڌ ويندس. ڏهن منٽن ۾ مطلب ساڍي ڏهين بجي وقت تي آفيس پهچي ويندس.

پڻي جو انداز غلط نڪتو. ڪيس ٻين بس به ڪانه ملي پر هاڻي هو ڪيئو ۾ پهريون نمبر آهي. ٽين بس ته اوس ملندي. هو پاڻ کي چوي ٿو پر جيسين ٽين بس اچي تيسين هن جو وقت وڏي ٿو پوي. ڪن لاءِ ورائيءَ جي سمنڊ ڏانهن نهاريائين. هو هر روز ريما سان شام جو سمنڊ ڪناري پنڌ ڪندو آهي. هوءَ پيڪن ويئي آهي ته سندس پنڌ ڪرڻ جو نيم ئي ٽٽي پيو آهي. شام جو ساڍي ڇهين ڪن گهر پهچي هٿ منهن ڌوئي چانهه پيئڻ بعد ڪيس سجهندو ئي ناهي ته ڇا ڪريان.

سمنڊ تان نظرون هٽائي ٻي خيالائيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ته هن جي نظر ڪيئو ۾ پنهنجي پٺيان بيٺل عورت تي ٿي پوي. هوءَ ڪا مخزن پڙهي رهي آهي. مخزن جو جيڪو صفحو هوءَ پڙهي رهي آهي اُن ۾ شهزادي ڊائنا ۽ شهزادي چارلس جا فوٽا ڏنل آهن ۽ جيڪو ليک ڇپيل آهي

وراڻي هڪ وار مرڪي اَن مسافر ڏانهن نهاري ٿو. هن جون احسانمند اکيون ڏسي دل ۾ چيائين، اَري نه نه... يار مون اَهڙي ڪهڙي وڏي ڳالهه ڪئي... اُن بعد هو پنهنجيءَ سيٽ تي ٺهي ٺڪي ويٺو...

بس راڪسي سنيما کان پوءِ ڦري مرين لائينس طرف وڃي رهي آهي. پمو سوچي ٿو جيڪڏهن ريما هتي هجي ها ته شايد شام جو ورليءَ ۾ سمنڊ ڪناري تي پنڌ ڪرڻ مهل ڪيس هي واقعو ٻڌايان ها ته مون سان گڏ سفر ڪندڙ هڪ مسافر جي پريشاني دور ڪئي... هوءَ منهنجي ڳالهه ٻڌي چوي ها پمُو! تو پئنٽ جي کيسي مان صرف هڪ رپيو ڪڍي هن مسافر کي ڏنو پر هن مسافر تنهنجي من جي کيسي ۾ ڪجهه قيمتي وڌو... توکي "منهنجا سڄڻ" ڪري سڏيائين...

پمي کي پڪ آهي ريما اَهڙو ڪجهه ضرور چوي ها... هن جو سڀاءُ ئي اَهڙو آهي. جيئن بابا جي ناچاقائيءَ پيري چيو هئائين!

پمي جي پيءُ کي علاج لاءِ آديپور مان بمبئيءَ آڻيو پيو هو. هن جو پيءُ پندرهن ڏينهن بامبي هاسپيٽل ۾ رهيو. اُن بعد ڏيڍ مهنو کن سندن گهر ۾ رهيو هو. جڏهن بلڪل چاق چگو ڀلو ٿي هو آديپور روانو ٿيو تڏهن هڪ ڏينهن پنهنجو پاس بوڪ جاچيندي پمي، ريما کي چيو هو... بابا جي بيماريءَ تي 11 هزار کن خرچ ٿي ويو. پمي کي ريما جو اُن مهل وارو ڏکوئل چهرو ڦري ٿو وڃي. هوءَ ڪيڏي دکي ٿي هئي... چيو هئائين توکي اِن ڳالهه جي خوشي ڪانهي ته بابا جن بلڪل ٺيڪ ٿي ويا هئا... توکي اِن ڳالهه جو غم آهي ته تنهنجو بئنڪ بئلنس 11 هزار گهٽ ٿي ويو! پمي کي ريما

ٻنجين ٿيا آهن. سوچي ٿو آفيس پهچڻ ۾ شايد ڏهه پندرهن منٽ دير ٿي ويندي. پوءِ به ڪنڊڪٽر آيو ته هن اوري بندر جي ٽڪيٽ ورتي. کيس تار هينئر ضرور ڪرڻي آهي. ڏهين ٻجي ڪن تار ڪندو ته شام جو پنجين ڇهين ٻجي تائين پهچي ويندي. هو سوچي ٿو ته جڏهن ريما شام جو ماءُ وٽان هاسپيٽل مان موٽندي، دير ۾ دير اُن مهل کيس تار ملڻ گهرجي. اوچتو هن کي خيال ٿو اچي ته هن هڪ غلطي ڪئي آهي. کيس ڪالهه شام جو تار ڪرڻ کپندي هئي. ائين ڪري ها ته اَج سويرو صبح جو ئي ريما کي تار ملي وڃي ها. نه ڄاڻ ڪالهه هن کي اِهو خيال ڇو نه آيو.

اوچتو ڪنڊڪٽر جو ڪڙڪ آواز ٻڌي هو پٺيان ٿو نهاري. ڪنڊڪٽر هڪ مسافر کي چئي رهيو آهي: مون کي ويهين جي نوٽ جا پئسا ڪونهن. هاڻي جيڪو بس اِسٽاپ ايندو اُن تي تون بس مان لهي وڃ. رپئي جي ٽڪيٽ لاءِ ويهين جو نوٽ ٿو ڏئي... ڪنڊڪٽر وڏي آواز سان ڳالهائيندو ٻين مسافرن کي ٽڪيٽون ڏيڻ لاءِ پٺتي ٿو وڃي. هو ڏسي ٿو هو مسافر ويهين جو نوٽ هٿ ۾ جهليو آس پاس جي مسافرن ڏانهن عاجزيءَ سان نهاري رهيو آهي ته ڪنهن وٽ ويهين جا پئسا هجن ته کيس ڏين. پر هر ڪو مسافر ڪنڌ سان کيس ”نه“ ٿو چوي. هن پنهنجي پرس کولي پر وٽس به وڏا نوٽ هئا. پئسن جي کيسي ۾ ڄاچيائين ته کيس هڪ رپئي جو نوٽ ملي ويو! هو تڪڙو تڪڙو اُن مسافر کي هڪ رپيو ڏيئي ٿو اچي. اُن مسافر چيو، مهرباني منهنجا سڄڻ!

هو واپس اچي پنهنجيءَ سيٽ تي ويٺو. اُن مهل

اوچتو پمو پارڪ کي ٽڪل ٿو ڀانئي... سوچي ٿو صبح جي وقت پارڪ کي هيٺن ٻي مزي... پرڪيل ڇو ٿو سمجهان؟ ڪيس ياد آيو ته هن صبح جو گوري ڪانه ورتي آهي. اُتي ئي پارڪ کي آئٽ ٿو ڏئي ته آفيس ۾ ساڳين گورين جي شيشي رکي آهي اُتي پهچندي سان گوري وٺندس. ڊاڪٽر جي هدايت آهي ته شگر کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ هن کي هڪ گوري صبح جو ۽ هڪ گوري شام جو وٺڻي آهي. پمي کي ياد ٿو اچي ته پهريون دفعو جڏهن اڄ وانگر هن گوري وٺڻ وساري هئي تڏهن آفيس پهتو مس ته ريما جو فون آيو هو... چيو هئائين، "پمو! فارمسيءَ تان گوريون گهراءِ. هينئر ئي! ۽ يڪدم اُن بعد ريما قاعدو ڪيو ڇڏيو هو ته آفيس ۾ به هميشه گورين جي هڪ شيشي رکڻي آهي.

بس ٻوري بندر پهچي ويئي آهي. پمو بس مان لهي تڪڙو تڪڙو جنرل پوسٽ آفيس طرف وک ٿو وڌائي. ڪيس وري اِهو خيال ٿو اچي ته بس جي سفر ۾ هن سوچيو ئي ڪين ته تار ۾ نيٺ لکندس ڇا؟ هاڻي ته باقي منٽ اَڌ آهي تار جو فارم ڀرڻو آهي.

تار جو فارم پمي جي هٿ ۾ آهي. جنهن ڪائونٽر تي اُهو فارم ڏيڻو آهي اُن جي ڀر ۾ ٻيهي ڪائونٽر جي ٻني تي فارم هو تڪڙو تڪڙو لکڻ ٿو لڳي. دهليءَ جي ائڊريس... ٻمبئيءَ جي اَئڊريس... پوءِ لکيائين:

I miss you Reema - Specially today 13th October.

Pamoo

جي اِها ڳالهه ٻڌي ڏاڍي ڪِل اچي وئي هئي. هن چيو هو... بابا صحتياب ٿي ويا اِن جي خوشي ڇو نه آهي... مون تـــ صرف توکي هڪ حقيقت کان واقف پئي ڪيو ته 11 هـــزار خرچ ٿي ويو آهي. تنهن تي ريما چيو هو... پمو! تنهنجي بئنڪ اڪائونٽ مان 11 هزار نڪري ويا پر توکي خبر آهي تنهنجي من جي اڪائونٽ ۾ ڇا ڊپازٽ ٿيو؟ بابا جن جون 11 هزار آسيسائون... وري ڪڏهن اِن خرچ جي ڳالهه ڪندين ته مان توسان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏيندس...

بس ڌوبي تلاءُ طرف هلي رهي آهي. پوڻن واڳ ۾ وقت ڏسي. ڏهن ۾ ڏهه منٽ! هو سوچي ٿــو اڄ آفيس ۾ اڌ ڪلاڪ کن دير ٿي ويندي. ”ٿي وڃي دير“ هو پاڻ کـــي چوي ٿو. جيڪڏهن ريما هتي هجي ها تــه شايـــد آفيس ڳسايان ها. ريما چوي ها اڄ نه وڃ آفيس. هـــل هئنگنگ گارڊنس ٿا هلون... پوءِ مرين ڊرائيو... اُتي پٿرن تي ويهي سڱهه داڻا کائينداسين...

پمي کي آفيس جو ڊائريڪٽر مسٽر ساني ٿو ياد اچي. روز پئي ڏينهن هو کيس صبوح جو پوڻي ٻارهين بجي کن پنهنجي ڪئبن ۾ گهرائيندو آهي. آفيس جي ڪنهن ڪم جي بابت ۾... يا ته عادت جي وس ٿي. پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳـــ هو پمي سان ڳالهه جي ڪم بابت ڳالهائڻ چاهيندو آهـــي. پمو سوچي ٿو اڄ جيڪڏهن پوڻي ٻارهين بجي سڏايائين ۽ مان نه هوندس ته پوءِ کيس دير سان پهچڻ لاءِ ڪهڙو سبب ٻڌائيندس؟ کيس ڇا ائين چوندس ته منهنجي شاديءَ جو ڏينهن آهي زال کي تيار ڪرڻ ويو هوس... نه نـــه ائين نـــه چوندس. اهڙن نازڪ جذبن جي روزگار جي اِدارن ۾ ڪهڙي اهميت آهي؟

پورو پورو اُٿم. هو ڪلاڪ کن اڳ سنيل کي ڏسڻ آيو هو. چيائين ته ٻن ڏينهن ۾ بخار ٽٽي پوندو. پوءِ ڪمزوري دور ڪرڻ لاءِ آرام ۽ ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت ٿيندي. سنيل جلدي ٺيڪ ٿي ويندو.

دماغ چوي ٿو مون کي ٽوئر تي وڃڻ گهرجي. نه وڃڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونهي. فلائيٽ ۾ باقي ڏيڍ ڪلاڪ آهي. هاڻي نڪرڻ گهرجيم. اڌ ڪلاڪ کن ته ايئرپورٽ تي پهچڻ ۾ لڳي ويندو.

هيمنت ٻئي بستري تي ئي رکي آهي. مان وهاڻي جي اوٽ تي اڌو گابرو آهلي ٿو پوان. فل سوٽ پيل اُٿم ۽ بوٽ به پائي چڪو آهيان.

مونکي بوٽ سوڌو آهلندو ڏسي اما بيحد وائڙي ٿي وئي. ڪجهه قدر گهبراهٽ وچان چيائين، ”ڇا ٿيو آهي توکي؟ ٻڌاءِ ته سهين.“ مون ليٽي ئي ڪيس چيو، ”اما مان نه ٿو وڃان. سنيل کي هيڏي بخار ۾ ڇڏي وڃڻ تي دل نه ٿي ٿئي.“

اما پريشان ٿي وئي. هن کي منهنجو فيصلو بلڪل نه آئڙيو. اهو سڀاويڪ هو. ٽوئر جي مڪمل تياري ٿيل هئي ۽ مان نه وڃان، ائين مون ڪڏهن اڳ نه ڪيو هو. پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ قابليت توڙي فرض شناسيءَ سبب مشهور آهيان. پر اڄ نه وڃڻ سان فرض شناسي به نه ٿي ستائي. سوچيان ٿو جيڪڏهن پاڻ بيمار ٿي پوان ها ته به ته ٽوئر ڪئنسل ڪرڻو پويم ها نه!

اما سمجهي ٿي مان اڄايو دل ننڍي ڪري ويهي رهيو

ٽڪار

"ڏاڙهيءَ جو سامان وٺءِ؟"
"ها"
"۽ چمپل؟"
"اُهو به وٺو آٿم."
"گوريون کنيءَ؟"

منهنجو سامان سڙو ٺاهيندي اوچتو اما جو ڌيان مون طرف ويو. هوءَ بئگ بند ڪرڻ واري هئي پر کليل ئــي ڇڏي منهنجي ويجهو آئي. عجب مان نهاريندي چيائين، "تــون نيڪ ته آهين؟"

مون ٿڌو ساهه ڀري چيو، "ها مان ته بلڪل نيڪ آهيان پر سنيل جو بستري داخل آهي سو..."

"سنيل جي چنتا تون اصل نه ڪر. مان ويٺي آهيان نه... روز دهليءَ مان فون ڪري احوال پڇانءِ."

مان چڻ ڪجهه به نه ٻــڌي رهيو هوس. منجهند کــان منهنجيءَ دل ۾ ڪشمڪش هئي. ڪمپنيءَ جو ٻيو سو چيان ته چاهيان ٻيو نکري وڃان. هڪ جوابدار آفيسر جي حيثيت ۾ مونکي بزنيس ٽوئر ڪئنسل نه ڪرڻ گهرجي. اما جي ڳالهه صحيح آهي. دهليءَ مان هر روز فون ڪري سنيل جي صحت بابت پڇي سگهان ٿو پر دل وچڙ کان ناٻــري واري وٺي آهي. دل ۾ چوان ٿو اما بت جي دوا درمل ۾ ۽ سار سنڀال ۾ ستا ڪسر ڪتاب ڇڏ پيندي. تنهن کان سواءِ ... ڊاڪٽر ۾

هوس. دل شايد واجهايو پئي ته بابا پاڻ منهنجي نراڙ تي برف جي پاٽيءَ جون پٽيون رکي... پاڻ گوريون دوائون منهنجي هٿ سان ڏئي. سوچيان ٿو بارهن ڪلاڪن کان پوءِ بابا گهر ايندو تڏهن هن جو آواز ڪنن تي پوندو. هو اَما کان مون بابت پڇندو...

منجهند جو ٽين بجي ڌاري بخار جي غشيءَ مان ٿورو سجاڳ ٿيو هوس. اَما پرڀرو ئي پٽ تي فراسي وڇائي سمهي پيئي هئي. منهنجيءَ سجاڳيءَ جي سٽس کيس پئجي ويئي. هوءَ ڇرڪ پري اُٿي. منهنجي مٿي تي هٿ رکيائين. جهڙو مٿو تهڙو بدن پگهر ۾ شل ٿيل هو. اَما منهنجو بدن صاف ڪيو. ڪپڙا بيا پارايائين. پوءِ مؤسميءَ جي رس پيئڻ لاءِ ڏنائين. هڪ هڪ ڍڪ پيئڻ مهل سوچيان پيو جيڪر اَما چوي، پٽهين موٽي آيو آهي. کيس پيڍيءَ تي سک ئي نه آيو... تنهنجي چنتا ٿي پيس.

اَما سڄو وقت منهنجيءَ سار سنڀال ۾ لڳي پيئي هئي. ڊاڪٽر جيڪي هدايتون ڏنيون هيون تن جي پوئواري ڪيائين پئي. هن جو سڄو ساهه مون ۾ هو. گهر جو ڪم ڪار بي دليءَ جهڙو تهڙو ڪري مون وٽ اچي پئي ويٺي. ڪنهن مهل بخار پئي ڏنائين ته ڪنهن مهل ٿڌڙا پئي ڪيائين. کير يا رس پيئارڻ مهل پاٻوهه مان سڏڙو ڪري چوي پيئي لچڙا صدقو وڃانءِ سونڙا تپ کي تڙي ڪڍ اَما هيڏو گهورجي پئي ويئي تڏهن به منهنجو ساهه اَلائي ڇو بابا لاءِ پئي سڪيو.

مان تڏهن اُلهاس نگر ۾ رهندو هوس ٽئين نمبر ۾. هاڻي به اَسان جو اُتي گهر آهي. بابا اَما اَڃا تائين اُن ئي گهر ۾

آهيان. ٽوئر تي نه وڃي ڪمپنيءَ جو نقصان هڪ طرف ۽ پنهنجو نقصان ٻئي طرف ڪري رهيو آهيان. هـــن گهٽائيءَ حيلا هلايا جيئن مان من مضبوط ڪري نڪري پوان... پر مان نه وڃي نه ويس. حقيقت ۾ مان اُما جي ڳالهه ٻڌي ئي نـــه رهيو هوس. پنهنجو پاڻ ۾ مڳو هوس...

اِئين ئي آهليو رهيس. ڪوٽ سوٽ ۽ ٻوٽ سان. سامهون واري ڪمري ۾ سنيل بستري تي ليٽيل آهي شايـــد کيس ننڊ آهي...

مونکي ياد ٿو اَچي اُهو ڏينهن جڏهن ننڍي هونـــدي مونکي ١٠٣-١٠٤ ڊگريون تپ ٿيو هو. عمر لڳ ڀڳ سنيل جيتري هئي. ٻارهن تيرهن سال. مان سنيل وانگر هن تي ليٽيو پيو هوس... اَڌ ننڊ ۽ بيحد گهڻي هيڻائيءَ سبب اکيون ئي نه پئي کليون. اُن وقت منهنجو سمورو ڌيان بابا طرف هو. هو صبح جو ڏهين بجي ڪم تي ويندو هو ۽ رات جو ڏهين بجي ڪم تان موٽندو هو ۽ اُن ڏينهن جڏهن هو تيار ٿي نڪري رهيو هو تڏهن دل ۾ چاهيان پيو ته جيڪر هو ڪم تي نه وڃي. پر کيس چئي نه پيو سگهان. نڪرندي نڪرندي بابا اَما کي هدايتون ڏئي ڏنيون. چيائين، لڇوءَ کي دوائون وقت سر ڏجانءِ. جيئن ڊاڪٽر چئي ويو آهي، تيئن کيس برف جي پاڻيءَ جون پٽيون تيسين رکندي رهجانءِ جيسين ٻخار گهٽجي. شام جو پنجين بجي ڊاڪٽر پاڻهي نه اچي تـــه کيس سڏي اَچجانءِ يا ڪنهن کي موڪلجانءِ ته وٺي اَچيس...

اِهو سڀ چئي بابو گهر مان نڪري ويو. مان سندس قدمن جي آهٽ ٻڌڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. چاهيان پيو جيڪر موٽي اَچي. اَڌ ڪلاڪ کن گذريو هوءِ مان ڏاڍو رنو

ڪير واري وانگر ڳراٽڙي ڇو نہ ٿو پائي؟ ٻين ڏينهن تي بابا ڏاڍو مشغول ۽ ٿڪل هوندو آهي پر آرتوار ڏينهن گهر ۾ هوندو آهي پر آرتوار ڏينهن بہ ڪڏهن مون کي سڏي ڀر ۾ نہ وهاريندو آهي...

ونود کي پنهنجي پيءُ سان بنا حجاب ڳالهائيندو ڏسندو هوس تہ سوچيندو هوس مان پنهنجي پيءُ سان اِن طرح ڇو نہ ٿو ڳالهائي سگهان؟ مان تہ اَڄ بہ بابا سان بنا اَٽڪ جي ڳالهائي نہ سگهندو آهيان.

هڪ ٻيو ڏينهن ٿو ياد اَچيم. اُهو هوليءَ جو ڏينهن هو. مون اَڳئين ڏينهن ئي هڪ ٽين جي دٻي ۾ رنگ ٺاهي رکيو هو جيئن گهر جي دروازي وٽ بيهي هر آئي وئي کي هڻي سگهان. گلال بہ جام وٺي رکيو هوم. ونود وٽ مون کان پنجوڻو رنگ هو. هن کي هوليءَ جي خرچي بہ تمام گهڻي ملي هئي. مون کي اِنهن ڳالهين اَصل پريشان نہ ڪيو. مون کي هڪ ٻيءَ ڳالهہ تان ڏک ٿيو هو.

مان هوليءَ جي ڏينهن خوش هوس ڏاڍو. مون ٻهرين ٻهرين ونود کي رنگ هڻڻ پئي چاهيو. صبح ساڻ جيئن رنگ ۽ گلال کڻي ونود جي گهر پهتس تہ ڏٺم ونود پنهنجي پيءُ سان هولي کيلي رهيو هو ۽ هڪ ٻئي کي گلال سان ڀري ڇڏيو هئائون ۽ هڪ ٻئي جا ڪپڙا بہ پچڪاريون هڻي رنگارنگي ڪري ڇڏيا هئائون. اِن نظاري مون کي ايڏو ملول ڪيو جو مان ٻي دليءَ سان ونود کي گلال هڻي گهر موٽي آيس. هولي کيلڻ جو اُتساهہ ئي هليو ويو.

مان گهر پهتس تہ بابا ڪم تي وڃڻ لاءِ سنڀري رهيو هو. هو ڏهہ چاليهہ واري لوڪل ٽرين ونل واڙيءَ تان پڪڙيندو هو. بابا کي هولي کيلڻ جو چاهہ ئي ڪين هو. رنگ تہ ٿهيو پر

رهندا آهن. شاديءَ بعد مان اُلهاس نگر ڇڏي هتي سيان ۾ اچي رهيو آهيان. هينئر اهو گهر جڻ سامهون پيو نظر اچيم. اهو ڏينهن جڻ وري پيو گذاريان. پاڻ کي ڏسان ٿو ته پلنگ تي ليٽيو پيو آهيان. سخت بخار اٿم، بدن سور ۾ ڪڙهي پيو. ٿوري دير سجاڳ ٿو ٿيان وري غش ٿيو وڃان.

اُن گهر جي سامهون منهنجو هڪ دوست رهندو هو ونود. پڙهڻ مان واندو ٿيڻ بعد اڪثر ونود سان گوليون پيو کيڏندو هوس. ٻيو اسان جو شغل هو لغڙ اڏائڻ. ڪنهن مهل پئسا هٿ ۾ هوندا هئا ته سنيما تي هليا ويندا هئاسين. مون جيتريون فلمون ونود کي ڏيکاريون هونديون اُن کان گهڻيون وڌيڪ هن مونکي ڏيکاريون هيون. ونود کي پيءُ کان پئسا گهرڻ ۾ ڪا به اٽڪ نه ٿيندي هئي. هن جي پيءُ کي گهر جي پرسان ئي کير جو دڪان هو. هوُ جهامن کير واري طور اوڙي پاڙي ۾ مشهور هو. هو پڪو دڪاندار هو. مونکي هن جي نه پوشاڪ وڻندي هئي ۽ نه هن جو وهنوار وڻندو هو. مان دل ۾ هن کي پنهنجي پيءُ سان ڀيٽيندو هوس. منهنجو پيءُ پڙهيل ڳڙهيل آهي. هو پهراو مان ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان هر ڳالهه مان سڀيه لڳندو آهي. مون کي منهنجي پيءُ لاءِ ننڍپڻ ۾ ئي فخر هو.

پر جهامن کير واري جي هڪ ڳالهه ڏاڍي عجيب لڳندي هئم. مان ۽ ونود پاڙي ۾ راند ڪندا هئاسين ته ڪنهن ڪنهن مهل جهامن کير وارو پٽ کي اشاري سان سڏ ڪندو هو. اڪثر اُن وقت جڏهن دڪان تي گراهڪ نه هوندو هوس. ونود کي سڏي ڳرانڙي پائيندو هو يا چمي ڏيندو هو. اهو ڏسي سوچيندو هوس ته منهنجو بابا مون کي ڪڏهن جهامن

کي به ڪجهه ڇوڻ لاءِ نه سمجهيو. نه ڳالهائڻ ٿو ڀڄي نه هند تان اُٿڻ ٿو ڀڄي. پاڻ سان جڪڙجي ويو آهيان.

اهو وقت ٿو ياد اَچيم جڏهن مان ٻارهين درجي جي امتحان جي تياري ڪري رهيو هوس. امتحان ۾ هفتو کن مس هو ته ڪم نصيبا بابا اُنهن ڏينهن ۾ بيمار ٿي پيو هو. بابا کي منهنجي پڙهڻ جي سدائين چنتا رهندي هئي. ٻارهين درجي جي رزلٽ تي ئي منهنجي آئينده جو دارو مدار هو. جيڪڏهن مارڪون گهٽ کڻان ها ته انجنيئرنگ لاءِ داخلا نه ملي ها. تنهنڪري بابا فيصلو ورتو ته هو پنهنجي ڀيڻ وٽ پهرئين نمبر ۾ وڃي رهي جيئن منهنجي پڙهڻ ۾ رخنو نه پوي. بابا جيڪو فيصلو ڪندو هو تنهن تي عمل ڪندو هو.

هو سچ پچ منهنجي ڦڦيءَ وٽ وڃي رهيو هو. اَما ويچاري روز مون لاءِ منجهند جي ماني تيار ڪري پوءِ بابا وٽ ويندي هئي. وري شام جو ستين بجي ڌاري اُتان واپس ايندي هئي. اُهي ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا هئا. دل لائي پڙهندو هوس. پر هر هر خيال ايندو هو ته بابا جي طبيعت ڪيئن هوندي.

جڏهن پهريون پيپر ڏيڻ لاءِ وڃي رهيو هوس تڏهن گهر مان سويل نڪتو هوس. پهرين بابا وٽ ويو هوس ڪيس پيرين پئي آسيس ورتم ته بابا مٿي تي هٿ رکي چيو هو، ”توکي ٩٠ سيڪڙو مارڪون کڻڻيون آهن. تون ذهين آهين، محنتي به آهين. وڃ، وشواس سان وڃ.“

سچ ته اَڄ جنهن مقام تي مان پهتو آهيان، بابا جي ڪري. اُن وقت هو ڪڙڪ زبانيءَ جو لڳندو هو ۽ رڳو پڙهڻ لاءِ

گيهر گهرائڻ لاءِ به اما کي گهڻيءَ ريڙه پيڙه ڪانپوءِ پئسا ڏنا هئائين. هو تيار ٿي جڏهن گهر مان نڪتو پئي تڏهن مونکي دڙڪو ڏيئي چيائين، ”ڪلاڪ اڌ رنگ هڻي گهر موٽي اچجانءِ. اِئين نه ته شام تائين پوءِ ٻيو بيٺو هجين. ٻارهين بج کان اڳ سنان پاڻي ڪري پڙهجانءِ ويهي.“

بابا جي هلئي وڃڻ بعد مون رنگ وارو دٻو گهر کان ٿورو دور هڪ ڪسيءَ ۾ هاري ڇڏيو. اُن مهل ئي سنان پاڻي ڪري ڪتاب پڙهڻ ويهي رهيو هوس. ونود مونکي پڙهندو ڏسي ڏاڍو کليو هو. چيو هئائين، هوليءَ ڏينهن ڪير پڙهندو آهي ڇا؟ مان پڙهڻ ۾ ڏيان لڳائي سگهيو هوس الائي نه. پر سڄو ڏينهن دماغ گهميل رهيو. رات جو جڏهن بابا گهر موٽيو تڏهن چاهيان پيو ته جيڪر کيس چوان مونکي شاباس ڏيو. مون توهان جو چيو مڃيو. هولي نه کيلي هئي. اُنجي بجاءِ پڙهيو هوم. پر بابا کي اِهو ياد به نه هو ته اُن ڏينهن هولي هئي!

منهن اونداهي ٿي رهي آهي. سنيل جي ڪمري ۾ اما زيرو بلب ٻاريو آهي. مون اما جي هيڏي همٿائڻ تي به ٿوئر تي وڃڻ نه ٻاسيو. هوءَ مايوس ٿي ويئي آهي. هوءَ شايد هينئر رڌڻي ۾ آهي.

مون کان اِهو به نه ٿو ٻجي جو اُٿي بوٽ لاهيان. مان چاهيان ٿو سنيل کي خبر پوي ته مان ٿوئر تي نه ويو آهيان. مونکي دل نه ٿي کيس بستري ۾ ڇڏي هليو وڃان. ڏسان اِها ڳالهه ٻڌي ڪيترو خوش ٿو ٿئي پٽڙو!

منهنجون اکيون اڌو ڳاٻريون بند آهن. اما اچي ڪمري جي بتي ٻاري ويئي. هن مون سان ڪجهه به نه ڳالهايو. مون

سئيءَ جو پاڪڙو

مون کي هوءَ اَچانڪ لفٽ ۾ ملي ويئي. هن کي ڏسڻ سان چيم اَري مينا! هن جو نالو فلومينا هو. مون سنڌس نالي مان ڦريون اَڌ فلو ڪڍي ڇڏيو هو. ڪيس صرف مينا ڪري سڏيندي هئس. هوءَ چوندي هئي، ”توهان ته مون کي سنڌي بڻائي ڇڏيو آهي، مالڪڻ-مينا نالو رکي.

مون ڪيس پراڻيءَ سڪ سان سڏيو. هن به اُن ئي جهوني عزت اُڪير واري لهجي ۾ چيو، ”مالڪڻ توهين!“

ايتري ۾ چوٿون ماڙ واچي ويو. مينا کي ڇهين ماڙي تي ڪم ڪرڻ لاءِ وڃڻو هو. مون لفٽ مان نڪرندي چيو، ”ٿوري دير اَچ ته ڳالهيون ڪريون.“

هن لفٽ جو دروازو بند ڪري چيو، ”توهين وڃو، مان اَڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ اَچان ٿي.“

مان پيڻ جي گهر پهچي سائس ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس. پيڻم لئا تازو هانگ ڪانگ مان ٿي موٽي آهي. هن هانگ ڪانگ مان خريد ڪيل چيزن جو منهنجي اڳيان ڍير ڪٺي لڳايو آهي. هرهڪ شيءِ ڏاڍي چاهه مان ڏيکاريندي ڦرين فارين ڪرنسيءَ ۾ اُن جي قيمت پئي ٻڌايائين پوءِ رپين ۾. مان هن جون شيون ته ڏسي رهي هئس پر اَندر ۾ سوچي مينا لاءِ رهي هئس. منهنجي پيڻ جو گهر اَصل ۾ منهنجو گهر هو. مان هن گهر ۾ ڏهه سال رهي هئس. اُنهن ڏهن سالن مان پويان ست سال مينا منهنجي گهر ۾ ٻاسڻ ٻهاريءَ جو ڪم ڪندي هئي. هوءَ ڪم واري مائي آهي ۽

هدايت پيو ڪندو هو تہ ڄڻ ڳالهہ گھٽ وڌ وڻندي هئي.

رات جا نو ٿي ويا آهن. جيڪڏهن ٿوئر تـي وڃڻ لاءِ نڪران ها تہ هينئر ايئر ڪرافٽ ۾ ويٺو هجان ها.

اما سنيل جي ڪمري ۾ ويئي آهي. شايد هـن جـي ڪئپسول وٺڻ جو وقت ٿيو هوندو يا ٽيمپريچر چيڪ ڪرڻو هوندس. مان اٿي اچي سنيل جي ڪمري جي دروازي وٽ بيٺو آهيان. پٽ جي چهري ۾ پنهنجو چهرو پيو ڳولهيان ڄڻ مان بخار سبب ليٽيو پيو آهيان ۽ هتي دروازي وٽ مان نـہ پر بابا بيٺو آهيان. اما جيئن ٿرماميٽر سنيل جي ڪڇ مـان ڪڍيـو تيئن سنيل ڪانئس پڇيو، ”ممي تـون اڄ ڪٿي سمهندينءَ؟“

اما چيو، ”بابلا اڄ مان ۽ پپا ٻئي هتي سمهنداسين تنهنجي ڪمري ۾.“

”پر پپا تہ دهليءَ...

سنيل سٽ پوري ڪري تنهن کان اڳ مان سندس بستري وٽ پهچي ويس. هن جي مٿي تي هٿ رکي چيم، ”پـٽ مان دهليءَ نہ ويس. تون ٺيڪ ٿيندين پوءِ ويندس.“

هن اماڪ پنهنجون ٻـانهون ڊگھيون ڪيون منهـنجي ڳچيءَ ۾ وجھڻ لاءِ. مون هيٺ نمي هن جي بخار سبب تتـل بـدن کي پنهنجين ٻانهن ۾ سمائيندي دل ۾ ڪا ٺـڌڪار محسوس ڪئي...

ڪندي نه هئي... منهنجي سس گونگي گگدام هئي. اِئين
ته مان به مڙس سان جهيڙو ڪانه ڪريان پر هن ڪي پنهنجي
ڪمائيءَ مان پائي به ڪانه ڏيان. مون ڪيس چئي ڇڏيو آهي
ته "شراب وجي پنهنجيءَ ڪمائيءَ مان پيءُ. مون کان پئسو
نه گهر مان پنهنجي ڪمائي پٽ لاءِ ڪم آڻيندس."

مينا اِن ڳالهه تي ايڏي مڪم رهي جو پنهنجي ڪمائيءَ
جو ڪجهه حصو پوءِ پلي ۲۰-۲۵ رپيه ئي سهڻي درمهني پٽ
جي اِسڪول جي پرنسيپال وٽ رکي ايندي هئي. هن جي
مڙس کي اِن ڳالهه جي خبر پئجي ويئي. هن مٿس اِلزام ڏريو
ته پرنسيپال سان نهيل آهين. اِن ڳالهه تان خوب مـڙس جا
موچڙا کاڌائين پر پنهنجي رٿ نه ڦيريائين.

"ڊيڊي..."، لتا لسيءَ جو گلاس کڻي آئي آهـي. مون
ڇرڪ پري واچ ڏانهن نهاريو. سوچيم مينا ڇيو اَڌ ڪلاڪ
ڪانپوءِ ايندي پر منو ڪلاڪ گذري ويو آهي. هوءَ اَڃا نـه
آئي آهي.

لتا پڇيو، "ڪنهن جو اِنتظار اَٿئي؟ مهتاڻي ته رات جـو
اَچڻ وارو آهي نه؟"

"ها... مهتاڻي رات جو اَٺين بجي کن مس ايندو. مان ڪم
واريءَ مينا لاءِ نهاري رهي آهيان. لفٽ ۾ ملي هئي."

پيڻ فلومينا جو نالو ٻڌندي ئي غصي ۾ پرجي ويئـي.
ڇپائين، "مان هن کي گهر ۾ گهڙڻ ڪانه ڏيندس. مونکـي
ڏني ڪانه وڻي. ڪم ذات... نالائق... چور..."

مان وائڙي ٿي ويس. اُمالڪ چيم، "ڇا ڪيو آهي مينا؟
پيڻم جيڪي جواب ۾ ٻڌايو تنهن جو تاتپرج هي آهي تـه
مون مينا کي اَجايو مٿي تي چاڙهي ڇڏيو هو. مان گهر پيڻ
کي وڪڻي ويس پوءِ به مينا هن گهر ۾ منهنجيءَ پيڻ وٽ

اڻ ڀڙهيل. پر جيترو سندس ڪم صاف اوترو ئي سندس وهنوار اُجلو. هن جو ڏيل هميشه کان سنهڙو، سيپڪڙو. فراڪ تي به وال ڪپڙو مس لڳندو هوندس. هن جي فراڪ ۾ انيڪ ٽوپا ڏنل هوندا پر هوندس سدائين صاف ڌوتل. مونکي ياد ٿو اچي هوءَ چوندي هئي جيڪر وس پڄي ته فراڪ اِستري ڪري پايان پر نه گهر ۾ اِستري آهم نه اِستري ڪرڻ لاءِ وقت...

”ڊيڊي! هي نيڪليس ڏس.“ لتا جو ڊيڊي ڪري سڏ ڪيو ته ڇرڪ پريم. مون مينا جي خيال کي من مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نيڪليس هٿ ۾ کڻي ڏسڻ لڳس. سون جو ڪين هو ته به بيحد سهڻو هو. پيڻ کي ڇيم ته هي نيڪليس پائي نڪرنديون ته چمڪي پونديون. لتا مرڪي ٻڌايو ته ٽيو ڏينهن ڪنهن ساهيڙيءَ جي جنم دن پارٽيءَ تي پائي ويئي هئس. اُتي آيل هرهڪ مهمان جي اک منهنجي نيڪليس ۾ کتل هئي.

ورِي اَلائي ڪيڏيءَ مهل منهنجو ڌيان پيڻ جي ڳالهين مان نڪري ويو. مان وري مينا جي باري ۾ سوچڻ لڳيس.

مينا جو مڙس شرابي آهي ۽ رات جو پي ڪري کيس مارا ڪٽي ڪندو آهي اِهو مون ٻين وٽان ٻڌو هو. مينا ڪڏهن به پاڻ ان بابت مونکي ڪجهه نه ٻڌايو هو. هڪ ڏينهن مون ئي ساڻس ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته چيائين، ”منهنجي مڙس جو ڪهڙو ڏوهه؟ هن جو پيءُ اِئين ڪندو هو. پي ڪائي، هن جي ماءُ کي ماري ڪٽي ڪانئس ڏينهن ڀر جي ڪمائي ڦريندو هو. ننڍي هوندي کان هن گهر ۾ اِهو ئي ڏٺو ته هو به اِئين ئي ٿي ويو آهي. هن جي ماءُ

لڳي پر ٻاڙي ۾ هئڻ ڪري اُها ٻه پنهنجي لڳندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اَسان کي موٽ ٿيندي هئي ته ٻاڙي جون ٻه ٽي ساهيڙيون يا گهر جا ڀاتي... آنند وهار تان ٻتاٽا وڙا يا اِڊلي سانڀر يا ڍوسا گهرائي کائيندا هئا.سيٺ پوءِ پلي مانيءَ کي جواب ڏيون. آنند وهار جي مالڪ جي هدايت هئي ته اَسان جو آرڊر هجي ته چٽڻي توڻي سانڀر ٻين گراهڪن جي ڀيٽ ۾ ٻيڻي ٽيڻي موڪلي وڃي ڇو ته هڪ دفعو اَسان کيس چيو هو ته اَسان کي چٽڻي ۽ سانڀر ڏاڍي وڻي ٿي.

آنند وهار ۾ گهڙڻ سان ڪئش تي ويٺل ڇوڪري مرڪي مرحبا ڪئي. مينا ۽ مان فئملي روم ۾ وڃي ويٺيونسين. وهندي ئي ڪائنس پڇيم، "تنهنجو پت ڪٿي پهتو آهي؟"

هن جي اکين مان جهر جهر آنسون وهي هليا. مون دل ۾ چيو هي ڇا مينا ۽ روئي؟ دک کي هنياوَ ۾ سانڍي سدائين کلڻ واري هيءَ عورت. مون وٽ ڪم ڪرڻ جي دؤران هن جي مٿان اَنيڪ دک جا پهاڙ ڪريا هئا پر هن ڪڏهن نه رنو هو. مون کي کيس ڪجهه ٻه چوڻ جي همت نه ٿي... صرف پنهنجو رومال کيس ڳوڙها اُگهڻ لاءِ ڏنم.

ٻيري کي اندر ايندو ڏسي مينا يڪدم پاڻ سنڀاليو. هن ڳوڙها اُگهي ڇڏيا. هڪوار وري سندس چپن تي مرڪ نمودار ٿي. مون سڪ جو ساهه کنيو ۽ ٻيري کي بسڪيٽن ۽ چانهه جو آرڊر ڏنو.

مينا اوچتو کلي چيو، "توهين اَلائي ڪيتري وقت کان پوءِ مليا آهيو، مالڪڻ. ڪل خوشيءَ جون ڳالهيون ٻڌايو. توهان جا ٻار سنيل ۽ رشمي ڪيئن آهن؟"

مون کيس پنهنجن ٻارن بابت سمورو اَحوال ڏنو ته ڪيڏا وڏا ٿيا آهن ۽ ڪهڙن ڪلاسن ۾ پڙهندا آهن. پوءِ وري

باسڻ ٻهاري ڪندي هئي. هوءَ منهنجي تمام گهڻي ساراه ڪندي هئي ۽ هن کي پنهنجو گهر ڪري سمجهندي هئي.

لتا جو جواب ٻڌي مونکي اِئين محسوس ٿيو ته مينا مون کي حد کان وڌيڪ ٻڌائي اَڻ ڄاڻائيءَ ۾ لتا کي رنجايو آهي. ننڍپڻ کان وٺي لتا کي منهنجي ساراه مهڻو ٿي لڳندي هئي پر اِن ڪري مينا چور ڪيئن ٿي پيئي؟

در تي گهنٽي لڳي. مون اُٿي وڃي دروازو کوليو. مينا هئي چيائين، ”مالڪڻ مان ته هن گهر ۾ ٻيهر ڪانه ايندس. توهان کان معافي وٺڻ آئي آهيان. توهان مون کي عزت ڏني جو ڳالهيون ڪرڻ لاءِ چيو...“

هن معافي وٺڻ ۽ موڪلائڻ جي خيال کان هٿ ٻڌا. مون هن جا هٿ پڪڙي چيو، ”تون هن گهر ۾ داخل نه ٿيندينءَ پر مان ته هن گهر مان نڪري سگهان ٿي نه...“

ڪيس اِئين چئي مون اندر وڃي لتا کي چيو ته مان ٿوري دير لاءِ ٻاهر ٿي وڃان... ۽ مان مينا سان ٻاهر نڪري ويس. جاتل سڃاتل پاڙو ۽ ڏٺل وائٺل منظر... ڪنهن جاءِ ۾ ڏهه سال رهڻ سان اُتي جي آس پاس جي رستن پيچرن سان مترتا ٿي ويندي آهي. سيتارام سوسائٽيءَ مان نڪرڻ بعد مينا کي چيم، ”آنند وهار ۾ هلي چانهه ٿا پيئون.“ منهنجي هيءَ ڳالهه ٻڌي مينا جي منهن ۾ تجلو اچي ويو... شايد مشڪل سان هن اهڙي قسم جي خوشي محسوس ڪئي هوندائين.

آنند وهار هوٽيل پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي. اُهو پنجن منٽن جو پنڌ جڻ ماضيءَ جو سفر هو. رستي تي اُهي ئي پاڇين وارا... ميون وارا... پان جي دڪان تي ويٺل ڪڇي پائو... ۽ مارواڙي ٻنيو... سڀ پنهنجا پئي لڳا. هونءَ آنند وهار جهڙي معمولي هوٽيل ۾ گهڙڻ ۾ به جهڪر گهٽتالي

منهنجو هن کي فيلسوف سڏڻ ۽ هن جو کلڻ. هن جي کل بند ئي نہ ٿئي. مان هن جي ٻي هٺڪ بي ساختہ کل جي اُصل کان قائل آهيان. ڪا کلڻ جهڙي ڳالهہ سا هجي پوءِ مينا جي کل ڦوهاري وانگر سندس اَندر مان ڇٽڪندي آهي. جڏهن هن جي کل بند ٿي تڏهن پڇيائين، "مالڪڻ اِهو توهان مون کي ڇا سڏيو؟"

وراڻيم، "فيلسوف."

تہ پڇيائين، "فيلسوف ڪنهن کي چئبو آهي؟"

مان پنهنجا ٻئي هٿ مهٽڻ لڳس. سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڪيئن فيلسوف جي معنيٰ کيئن سمجهايان. نيٺ چيومانس، "فيلسوف اُهو آهي جيڪو صاف سوچي، جنهن جي ڳالهائڻ ۾ سچ ۽ سياڻپ هجي."

منهنجو جواب ٻڌي هن کلي ڏنو. چيائين، "مان سياڻي آهيان؟"

اَسين ٻال ڏيئي "آنند وهار" مان نڪتيوسين. مينا ٻڌايو تہ اَڃا هڪ گهر جو ڪم رهيل اَٿس تنهنڪري اَسان ٻنهي واپس سيتارام سوسائٽيءَ طرف رخ رکيو. وات تي مينا کان پڇيم، "منهنجي ڀيڻ توسان بگڙيل ڇو آهي؟"

هوءَ اِهو ٻڌائڻ لاءِ خود آئي هئي. منهنجو سوال ٻڌندي ئي هن يڪدم سندس ۽ منهنجيءَ ڀيڻ جي وچ ٿيل ڇڪتاڻ جو ڪارڻ ٻڌايو. هن چيو:

توهين هي گهر ڇڏي ويا تڏهن بہ مان اِن گهر جو ڪم هڏ ڏيئي ڪندي هئس. اِئين ئي سمجهندي هئس تہ توهان جو ئي گهر آهي. توهان جي ڀيڻ گهڻو وڌيڪ ڪم ڪرائيندي هئي پر مون ڪڏهن ڪانئس اُن لاءِ الڳ پئسا نہ گهريا. مالڪڻ! توهان جي ۽ هن جي سڀاءُ ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. هوءَ

چئي وينيس... مينا... تنهنجي پٽ بابت ٻڌڻ کان سواءِ مون کي آرام نه ايندو.

ٻيرو اچي چانهه بسڪيٽ رکي ويو. مون مينا کي چانهه ۽ بسڪيٽ کڻڻ لاءِ چيو. هن چانهه جو ڪوپ کڻندي چيو، "مون پٽ کي ديولاليءَ ۾ هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ موڪليو آهي."

منهنجي وات ۾ پيل بسڪوٽ ڏاڍو سوادي ٿي ويو. مينا ٻوءِ ٻڌايو، "دل تي پٿر رکي هن کي اکين کان پري ڪيو اٿم. مون کيس پيءُ جي اثر کان دور ڪرڻ پئي چاهيو. ٻيو ته... هتي هو بري سنگت ۾ ڦاسي رهيو هو." مون چانهه جو ڍڪ ڀريندي چيو، "اهو ته سياڻپ جو ڪم ڪيو اٿيئي. تنهنجو پٽ پڙهي ڳڙهي موٽندو ته مينا ڪير سڏائي!"

هوءَ گنڀير ٿي ويئي. چيائين، "مالڪڻ، هن کي ياد ڪري روئندي ته آهيان ڏاڍو. پر ان ڳالهه جي خوشي اٿم ته هتي جي وايو منڊل کان پري آهي. هن عمر ۾ جيڪڏهن خراب ٿيڻ پونس ها ته پوءِ خرابيءَ کان بچي نه سگهي ها. وڏو ٿي ڪجهه نه ڪري ها."

مينا جي چانهه ختم ٿي ويئي هئي. هن خالي ڪوپ ميز تي رکي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. چيائين، "ٻار جي آتما ٿيندي آهي سنئيءَ جي ٻاڪڙي وانگر. اُن ۾ برائيءَ جو ڏاڳو وجهڻ ئي نه ڏجي. هڪ دفعو برائيءَ جو ڏاڳو اُن ٻاڪڙي مان ويو ته پوءِ ويندو ڇڪجندو."

مينا جي سئيءَ جي ٻاڪڙي واري ڳالهه مون کي ڏاڍي دلچسپ لڳي. چانهه جو خالي ڪوپ ميز تي رکي کيس چيم، "اوهين ته فيلسوف ٿي ويئي آهيو."

وارن ۽ گل

صبح جو ھيڊو سويل فون. اڃا سايا ڇھہ مس ٿيا آھن. ڪملا ۽ مان چانھہ پي رھيا آھيون. ٻوءِ سڄو ڏينھن ڀلي ماني گڏ کائون يا نہ پر آرتوار صبح جي چانھہ اسين ضرور گڏ پيئندا آھيون. چانھہ اڌ ۾ ڇڏي فون جو رسيور ٿو کڻان.

"موھن ھيئر"

"ھي... لو - Love! ڪيئن آھين تون؟"

مون رسيور ھڪ ھٿ مان ٻئي ھٿ ۾ پڪڙيندي پڇيو،

"توھين ڪير آھيو؟"

"او... موھن! اٺويھن سالن ۾ ڪڏھن ھڪ دفعو بہ برٿ ڊي ڪارڊ موڪلڻ نہ وساريئہ پر منھنجو آواز وساري ڇڏيئہ..."

"اَري... لينا! تون؟!"

"ھا... مان- لينا. ھاڻي ٻڌاءِ پيارل ڪيئن آھين تون؟"

"پر تون ڪٿان آئين؟"

"آسمان مان ٽپڪي پيس- اَري يار ڪئليفورنيا مان آئي آھيان پيو ڪٿان ايندس-"

مان فون جي پڙ ۾ رکيل سوفا تي ويھي پڇان ٿو، "گھوٽ سان گڏ آئي آھين؟"

"ھا- جان پاسي ۾ ئي ويٺو آھي. ايئر ڪرافٽ ۾ ڇوڪري پيو پنھنجي اِن عاشق سان introduction ضرور ڪرائجانءِ جيڪو اٺويھن سالن ۾ ھڪ دفعو بہ تنھنجو جنم ڏن نہ ڀليو آھي."

نوڪر کي تہ ماٺ ھوئي نہ ٿي سمجھي. ھڪ ڏينھن منھنجي صبر جو پيالو ٽٽي پيو جڏھن منھنجي پٽ تي چوريءَ جو اِلزام ڏنائين. حقيقت ۾ توھانجي پاٽيجي ماءُ جا پئسا ٽڳايا ھئا. اُھو موڪل جو ڏينھن ھو. مان ۽ منھنجو پٽ ھنن جي گھر جا پنکا وغيرہ صاف ڪري رھيا ھئاسين تہ اَچي منھنجي پٽ کي چيائين، مان تنھنجي تلاشي وٺنديس. سو رابرٽ جي خميس ۽ چڏيءَ جا کيسا تلاشيائين. تيسين مان چپ ڪري بيٺي ھئس. پوءِ جڏھن منھنجي پٽ کي چيائين تہ چڏي ۽ خميس لاھ ۽ ھن جا ڪپڙا لاھڻ لاءِ ھٿ وڌايائين تڏھن مون سندس ھٿ جھلي زور سان پري ڪيو. چيومانس خبردار! جي ھن جي ڪپڙن ۾ ھٿ وڌو اٿئي. اَسين چور نہ آھيون. اَسين محنت مزوري ڪري روزي ٿا ڪمايون. توھان جھڙائي ماٺھو آھيون...

بس اُن ڏينھن کانپوءِ مان سندس در تي نہ چڙھي آھيان.

سمورو قصو بيان ڪرڻ بعد مينا جو منھن أي بيو ٿي پيو. ھن جي سنھڙي سرير تہ ڦولارجڻ کان جڻ نابري واري ڇڏي آھي پر سندس من ڦولاريل ڏٺم.

سيتارام سوسائٽيءَ ۾ پھچي جيئن اَسين اَلڳ ٿيڻ تي ھئاسين تہ مون پرس مان سؤ جو نوٽ ڪڍيو. دل ٿيم تہ مينا کي ڏيان، کيس ڪم ايندا پئسا. پر ھن ٻئي ھٿ ٻڌي مون کان دعا گھري. چيائين، "مالڪ! منھنجو پٽ پڙھي ڳڙھي سٺي حياتي گذاري. بس اِھو ٿي چاھيان. مان مري مٽي وڃان تہ ڏٺيءَ کي مرڪي چئي سگھان تہ حياتيءَ ۾ ھڪ سٺو ڪم ڪيم. تنھنجيءَ دنيا ۾ ھڪ سٺو اِنسان پيدا ڪري آئي آھيان." اِئين چئي ھوءَ تڪڙي ھلي وئي. سؤ جو نوٽ منھنجي ھٿ ۾ ئي رھجي ويو!

نہ ڪندو هئين- you were so unromantic

توکي ياد ... "How dare you call me unromantic" آهي توکان اجازت گهري هئم ته پنهنجن لنڊن ريشمي وارن ۾ هڪ ڀيرو گل ...

ڪملا هال ۾ گهڙي ٿي. حقيقت ۾ مون کي خبر هئي ته ڪملا هميشه وري هال ۾ ايندي. هوءَ چانهه جا ڪوپ رڌڻي ۾ رکي وري ڀاڄيون وڍڻ لاءِ هال ۾ اچي ويندي آهي. مان اخبار پڙهندو آهيان. هوءَ ڊائننگ ٽيبل تي جهوني اخبار ڦهلائي ڀاڄيون وڍيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڀيڙ چلڻ يا ميٿي صاف ڪرڻ ۾ مان سندس مدد ڪندو آهيان. ڀاڄيون وڍيندي هوءَ وچ وچ ۾ ڳالهه ٻول به ڪندي رهندي آهي.

لينا چيو، "ڇا ٿيو، موهن؟"

مون چيو، "فون ۾ ٿورو disturbance آهي. مان ٿو توکي وري فون ڪيان. پنهنجو نمبر ڏي."

هن سينٽار هوٽيل جو نمبر ڏنو 6125724 روم نمبر 506 فون ڊسڪنيڪٽ ڪيم- پر من جي لائين ويهه ٻاويهه سال اڳ واري زماني سان ڪنيڪٽ ٿي وئي.

اسين ٻئي هڪ ڪاليج ۾ بي- اي پڙهندا هئاسين. فائينل ايئر جي ڳالهه آهي. لينا هميشه پهرينءَ قطار ۾ ويهندي هئي پر ڪنهن ڏينهن جي پهرينءَ قطار ۾ جاءِ نه مليس ته پوءِ آخرين بينچ تي ويهندي هئي، هڪ ڏينهن پوئين بينچ جي ڊيسڪ تي هڪ ڇوڪري لکي ڇڏيو هو I Love you Leena لينا جيئن پنهنجيءَ مقرر جاءِ تي ويٺي پئي ته چاڪ سان لکيل انهن لفظن کيس ڇرڪائي ڇڏيو. هوءَ اُن ڪلاس اڳينءَ

مان ٺهڪ ٽو ڏيان. ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه همت نه ٿو اچي. اندر ۾ جيڪا خاموشي ڇانيل آهي اها پوريءَ طرح ٽٽي نه آهي. هن ئي وري پڇيو، "تون اڃا إئين ئي آهين؟"

"إئين ئي معنيٰ ڪيئن؟"

"جيئن ڪاليج جي زماني ۾ هئين ٻگهلو ڀڳت"

مان وري ٺهڪ ٽو ڏيان. دل ۾ چوان ٿو تو ڀلي 'ٻگهلو ڀڳت' لقب ڏنو هو پر تو جهڙيءَ سهڻيءَ ۽ سمارٽ ڇوڪريءَ جو ڏيان ڇڪائي سگهيو هوس ان ڳالهه تي ڪلاس جا سڀ ڇوڪرا ريس ڪندا هئا. ياد اٿئي؟

دل ۾ پيو چوان. زبان نه پيئي هلي. صرف ٺهڪن مٿان ٺهڪ ڏيئي رهيو هوس.

ڪملا چانهه ٻي ختم ڪئي. مون وارو اڌ ۾ ڇڏيل چانهه جو ڪوپ منهنجي اڳيان ٽپائيءَ تي رکي چوندي ويئي، "چانهه ٿي ٺريو."

هوءَ هال مان هلي ويئي پوءِ مون محسوس ڪيو ته مان ڪملا جي موجودگيءَ ۾ لينا سان نه پيو ڳالهائي سگهان. لينا پڇيو، "ڪجهه ڳالهائيندين به يا رڳو کلندين پيو؟"

مان پير مٿي ڪري سوفا تي ٺهي ٽڪي وينس. چيم، "سويٽ هارٽ! پهرين دل ٿامي ونان. تو اهڙو سرپرائيز ڏنو آهي جو دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي آهي."

"ريئلي."

"يس... چڱو ٻڌاءِ تنهنجيءَ گاڏيءَ تي تر اڃا آهي؟ ۽ کلين ته تنهنجي ساڄي ڳل ۾ اڃا کڏ پوي؟" هوءَ زور زور سان کلي ٿي. چوي ٿي، "هاڻي ڏس اچي ڳل ۾ کڏ پيئي يا نه... هڪ ڳالهه مڃڻي پوندي. تون هاڻي ٻگهلو ڀڳت نه رهيو آهين. اهڙيون رومانٽڪ ڳالهيون ڪاليج جي زماني ۾ نه

ڪري مٺو پوندو.“

منهنجي چپڻ مسڪنت سجائي ٿي ويئي. مون ٻهريون پيرو لينا جي منهن ۾ نهاري ساڻس ڳالهايو. چيو مانس، ”مس لينا! “Thank you for the Compliment.”

ڪملا پاڇيون وڏي پوريون ڪيون هيون. هوءَ جڏهن هال مان نڪري پيئي تڏهن خيال آيم ته ڇو هن ڪجهه ڳالهايو ئي ڪين. هونءَ اَخبار پيو پڙهندو آهيان ۽ سندس ڳالهه گهٽي ڌيان سان ٻڌندو به نه آهيان تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه چوندي رهندي آهي. اڄ ته مون اَخبار به ڪانه پئي پڙهي... سوفا تي اِئين ئي ويٺو هوس. شايد هوءَ پنهنجي ڪنهن ويچار ۾ گم هئي. ممڪن آهي ڌيءُ بابت پور پچائيندي هجي. رات سمهڻ کان اڳ مون کي سشما لاءِ چيائين ته جڏهن کيس سهيل نالي ڪلاس فيلو جو فون ٿو اچي ته هوءَ پندرهن پندرهن منٽ ساڻس ڳالهائي ٿي اِها ڳالهه کيس ڏايو پريشان ٿي ڪري. حقيقت ۾ مونکي جڏهن ٻهريون دفعو ڪملا سهيل بابت ٻڌايو هو ته مون کيس چيو هو... خيال نه ڪر اَسان جي سشما سون جو ٽڪر آهي. She is a little angel... ڪو ڪلاس فيلو کيس فون ٿو ڪري ته اِها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. اَسان کي ايتري آزادي ٻارن کي ڏيڻ گهرجي. پر ٻيو دفعو جڏهن ڪملا پنهنجي چنتا ظاهر ڪئي هئي ته چاهيان پيو جيڪر سشما کي سمجهايان. کيس چوان ته مان جهوني زماني جا ويچار نه ٿو رکان. ٿورو گهڻو ڪنهن ڇوڪري سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪا برائي ڪانهي، پر کيس خبر هئڻ گهرجي ته ڪيتري حد تائين رلڻ ملڻ صحيح آهي. اِهو صرف سوچيو هوم، سشما کي ڀر ۾ وهاري چوان، اِئين ڪري

بينچ تي وڃي ويهي رهي. اهو ايڪانامڪس جو پيرڊ هو.
پروفيسر گاجرا ليڪچر پورو ڪري اچا ڪلاس مان نڪتو
مس ته مينا وڏي آواز ساهيڙين کي سڏي چيو،
" Come Come Sasi, Meena See this rubbish.
ڪنهن لکيو هوندو؟"

سسيءَ کي الائي ڇا سجهيو جو هن منهنجو نالو ڪٽي ورتو. ان تان جيڪو مينا کلي هئي. سندس کل جو آواز اڃا تائين پيو ڪنن ۾ گونجي. چيائين، "موهن؟! هي ڀڳلو ڀڳت ڇا لکندو I Love You

ان 'ڀڳلي ڀڳت' لقب دل ۾ اهڙي لوڇ لائي ڏني جو سوچيم ڪجهه اهڙو ڪريان جو سڀني جون اکيون چرخ تي وڃن. مينا کي مٺو پوي ته هي ڀڳلو ڀڳت ڪا شيءِ آهي. ٽرمينل امتحان ويجهو هو. پڙهڻ کي جنبي ويس. هڪ ساڌارڻ شاگرد مان ڦري ڏاڍو اڀياسي محنتي شاگرد بڻجي ويس. ٽرمينل امتحان ۾ ڪافي سٺي رزلٽ آئي. وڏي ڳالهه ته انگريزيءَ ۾ اول نمبر آيس. پروفيسر ملڪاڻيءَ ڪلاس ۾ ٽرمينل امتحان جا **Answer Papers** ڏيندي مون کي اول نمبر اچڻ لاءِ مبارڪون ڏنيون ته ڳاٽ اوچو ٿي ويم. ان ڏينهن ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ چانهه پيئڻ جاڻي ٻجهي ان مهل ويس جنهن مهل خبر هئم ته مينا به ٻن ٽن ساهيڙين سان اتي موجود هئي. هڪ ٻه دوست به ساڻ هئم. اسان پنهين ڌرين جو چانهه پيئڻ ۾ ڌيان گهٽ هو... وڌيڪ ڌيان ان ڳالهه ۾ هو ته ڪنهن ڪهڙي وشيه ۾ ڪيتريون مارڪون کنيون آهن. ڳالهيون ڪندي مون بابت مينا جاڻي ٻجهي زور سان ڳالهايو. چيائين، "هاڻي ته ڀڳلي ڀڳت کان انگريزي سکڻي پوندي. هن کي جو نمبر پروفيسر ملڪاڻي

”منهنجي مهرباني ڇا لاءِ؟“

”توهين هر سال لينا کي برٿ ڊي ڪارڊ موڪليندا آهيو. خوشقسمتيءَ سان اهو هڪ ٻه ڏينهن اڳ ۾ اچي ملندو آهي. توهان جو ڪارڊ مون کي ياد ڏياريندو آهي لينا جو جنمڏڻ. هو ءَ سمجهو ڪڏهن بزنيس پرابلم يا ڪنهن ڳالهه ڪري هن جو جنمڏڻ وسري وڃي ته جيڪر هوءَ سخت جهيڙو ڪري. توهان مون کي اُن جهيڙي کان هميشه بچايو آهي.“

”جهيڙو ڇا ڪندي آهي ڇا؟“

مسٽر جان لائيٽ موڊ ۾ آهي. ”وي ته ڏاڍي جهيڙالو آهي. ٽيمپرمينٽل... چڱو ٿيو جو توهان هن سان شادي نه ڪئي.“

مان ڪلي ته پوان. ”ان ته، مون هن سان شادي ڪرڻ جو ڪڏهن سوچيو ئي نه هو... هوءَ ڪاليج جي Shinning Star هئي ۽ سدائين فارين وڃڻ جا سپنا پيئي لهندي هئي. هوءَ تنهنجي ئي جيس آهي. مون کي سنڌس سؤت وٽان خبر ملندي آهي ته تو کيس ڏاڍو سکي رکيو آهي.“

”ٿئنڪ يو، ٿئنڪ يو...“

سنان تان نڪري ته کيس چئجو مون کي فون ڪري.“

”پڪ - پڪ“

فون ڊسڪنيڪٽ ڪري اخبار پڙهڻ ويهي ٿو رهان. پندرهن ويهه منٽ گذري ويا لينا جو اڃا فون نه آيو آهي. اخبار پڙهڻ ۾ به دل نه پيئي لڳي. جيئن وقت گذرندو پيو وڃي تيئن مون کان پنهنجو پاڻ ڇڏائجندو پيو وڃي. مان ڪٿي وڃي پهتو آهيان. منهنجي لاءِ ڪئلينڊر موٽ کاڌي آهي. پاڻ ته 1960 جو سال پيو هلي. جئه هند ڪاليج جي ٻئين ماڙي تي نائون نمبر ڪمرو... ۽ گرائونڊ فلور تي

نہ سگهيو هوس. رات وري ڪملا ٻڌايو تہ ڪالهہ سهيل جو ٻہ ٽي دفعا فون آيو هو تہ فڪر ٿي پيم. رات ڪافي دير تائين سوچيان پيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجيم. نند ئي نہ پئي آئي. شايد ڪملا اِن ئي ڳالهہ تي غور ڪندي هجي ۽ مون سان ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ سجهيو ئي نہ هجيس.

مون سينٽار هوٽيل جو فون نمبر ملايو. ڪمرو نمبر 506 گهريم. چوان پيو جلدي لائين تي اچي تہ پنهنجي اچڻ جي ڳالهہ پوري ڪيان. لينا کان پڇان تہ ڪيئن اهو واقعو ياد آهي... مون کانئس سندس ريشمي وارن ۾ گل وجهڻ جي اجازت گهري هئي.

"هيلو..." لينا جو گهوٽ آهي شايد.

"توهين مسٽر جان آهيو؟" مان پڇان ٿو.

"ها... توهان جو شبہ نالو؟"

"مان موهن آهيان لينا جو دوست..."

"او مسٽر موهن... لينا ڀاڻ توهان جي فون جو انتظار پئي ڪيو. هاڻي توهان جو فون نيڪ هلي ٿو؟"

"ها... حال تہ هلي پيو. پر هتي ٽيليفون ۾ disturbance ڪيڏي مهل ٿيندو يا لائين ڊيڊ ڪيڏي مهل ٿي ويندي اوچتو ئي اوچتو... پتو ئي نہ پوندو آهي..."

"اهو تہ آزار چئبو..."

"وڏو آزار آهي..." ڪن ترسي مان چوان ٿو، "مان لينا سان ڳالهائي سگهان ٿو؟"

"هوءَ سنان تي وئي آهي. اکري تہ مان کيس چوان ٿو توهان کي فون ڪري... مسٽر موهن مون کي توهان جي مهرباني مڃڻي آهي."

اُن ڏينهن ڪئنٽين ۾ پارٽي ڏني. صنوبسا ڪيڪ ۽ چانهه! مان پنهنجي سوپ منائي رهيو هوس اُن مهل لينا ٻه ساهيڙين سان ڪئنٽين ۾ آئي. اُن ڏينهن هو اَسان جي بلڪل ڀر ۾ ميز ڪرسين تي اَچي ويٺيون. هنن وٽ ٻه خاص موضوع اِهو ئي هو ته لينا جي وارن ۾ مون گل لڳايو... چانهه پيئندي لينا ساهيڙين کي ڏاڍي رنگين مزاجيءَ سان ٻڌايو هو، "پئي ڇا ڪجي؟ اَجايو ڪنهن جي دل گهٽي ڏکوئجي مبادا اُها ٽٽي پوي..." هن منهنجي پيٽ شيڪسپيئر جي عاجز پريمين سان ڪندي ساهيڙين کي اِئين ٻه چيو هو: اَنگريزيءَ ۾ اَول نمبر آيو آهي ته پارڪ کي شيڪسپيئر جو ناٽڪ پيو سمجهي. جيئن نه هو ڳالهائيندا آهن... او حسن جي ديوي! تنهنجو مون ۾ ويسهه ڪونهي؟

Oh goddess of Love! Don't you trust my purity of thoughts?

شيڪسپيئر جي هيرو جا اِهي ڊائلاگ ٻه ڏينهن ٻڌي ٻڌي آخر ٽئين ڏينهن اَسان اِجازت ڏيئي ڇڏي. اَجايو شيڪسپيئر جي آتما دکي ڪجي..." ڪيڏو ٺهڪڙو متو هو ڪئنٽين ۾!

فون جي گهنٽي ٿي وڄي. يڪدم رسيور کڻي چوان ٿو، "هيلو لينا."

"ها جاني ٻڌاءِ خبرچار. تنهنجو فون خراب ٿي پيو. اَسان جو ته موڪ ئي اُڏي ويو."

"هاڻي ڇڏ فون جي ڳالهه... ٻڌاءِ..."

هوءَ مون کي وچ ڪٽي چوي ٿي، ٻهرين منهنجي ڳالهه ٻڌ. مون توکي اُن ڏينهن ڏاڍو ياد ڪيو هو جنهن ڏينهن مينا ڪماريءَ جي موت جي خبر پڙهي هئم. تنهنجي Tregedy Queen- تو ڏاڍو رنو هوندو.

ڪاليج جي ڪئنٽين. اهي زمانا اهي فسانا ياد ڏياري ٿي. هيءَ ليننا اَلوپ ٿي وئي آهي... هيتري دير سنان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

هاڻي به سمجهان ٿو مون وڏي همت ڪئي هئي جو ڪانئس اجازت گهري هئم ته هڪ ڀيرو صرف هڪ ڀيرو پنهنجي ريشمي زلفن ۾ گل وجهڻ ڏي. هن به ڏينهن مقرر ڪرايو هيو. مون دوستن سان شرط لڳائي هئي ته هن جي وارن ۾ گل وجهي ڏيکاريندس. ٽئين ڏينهن جيئن ئي هوءَ ڪاليج جي گيٽ مان اندر گهڙي، مان ساڻس گڏوگڏ هلڻ لڳس. ڪيس چيم: ”اَڄ هن غريب تي عنايت ٿيندي؟ غريب ڇا ٿو گهري سونهن جي ديويءَ کان! صرف سندس وارن ۾ هڪ ڀيرو هڪ گل لڳائڻ جي اجازت...“ ليننا چپن ۾ کل لڪائيندي پئي هلي. ڪاليج جي عمارت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪي ڏاڪا آهن اُنهن مان هڪ ڏاڪي تي اوچتو بيهي رهي. ڏاڍي ناز اَنداز سان وارن مان هڪ ڪانٽو ڪڍي منهنجي هٿن ۾ ڏيئي چيائين، ”هان وٺ. لڳاءِ وارن ۾ گل. پر هتي ئي. مان اِن لاءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪانه هلنديس.“

منهنجو وڏو امتحان ورتو هئائين پر مان پاس ٿي ويس. مون سندس وارن ۾ گل لڳائي پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته ڪيترا آس پاس ۾ موجود هو جن هي منظر ڏٺو. منهنجا دوست هئا ئي. ليننا جون ساهيڙيون هيون. آفيس جو هڪ ڪلارڪ اُن مهل اُتان لنگهيو... ۽ پروفيسر ڪيولراماڻي ساهمون اَچي رهيو هو. دل ۾ ڀڳوان جو نالو ورتو هوم ته شل هن نه ڏٺو هجي.

دوستن سان شرط لڳائي هئم ٺهڪري هئي مون کي

۾ ڪڙ ڪڙ ٿي ٿئي. مان فون لاءِ ڪمپلين ڪريان پيو، وري توکي ڏهين ڪان پوءِ فون ڪندس.“

لينا چوي ٿي، ”This is stupid. هڙو فون رکڻ مان فائدو؟“

مان چوان ٿو، ”تو ڇا چيو. لينا؟ فون ۾ disturbance آهي، تنهنجو آواز پڌڻ نه ٿو اچي...“

”اڙي چوان ٿي اسان کي ۱۲ بجي چيڪ آئوٽ ڪرڻو آهي. 2-35 سهار ايئر پورٽ تان دهليءَ جي فلائيٽ آهي. ڪشمير پيا وڃون...“ هوءَ آواز وڏو ڪري چوي ٿي.

”مان توکي ڏهين سوا ڏهين بجي فون ڪندس.“ مان بي آواز ٿورو وڏو ڪري چوان ٿو.

سوا ڏه ٿيا آهن. فون جي پر ۾ سوفا تي ويٺو آهيان. مون ’مهاڀارت‘ ڏٺو ئي ڪين. اُن مهل پنهنجي بيڊروم ۾ وڃي پلنگ تي آهلي پيس. ڪملا ٽي. وي. آن ڪري مون کي سڏ ڪرڻ آئي. مون کيس چيو، ”اڄ مون کي ’مهاڀارت‘ ڏسڻ جو موڊ ڪونهي.“ هوءَ وائڙي ٿي وئي. چيائين، ”چو آهين نه ٺيڪ نه... مون کلي چيو، ها بلڪل ٺيڪ آهيان. صبح جو چانهه نه پيتي اٿم. هڪڙو چانهه جو ڪوپ ڏيڻ جي عنايت ڪنديءَ؟ هن کلندي چيو، سڌيءَ طرح چئه نه. چانهه جو ڪوپ کپي. عنايت قنايت چوڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ هوءَ پن منٽن ۾ چانهه کڻي آئي. مون کانئس چانهه وٺندي چيو، وچ وچ مهاڀارت شروع ٿي ويو آتئي. دروپدي توکي سڏي پيئي... هن ڪمري مان نڪرندي نڪرندي چيو، ”صبح جو ڪنهن جو فون هو جو تنهنجي چانهه رهجي وئي.“ مون کيس چيو، منهنجي هڪ دوست جو فون هو... هوءَ ڪمري جي دروازي وٽ بيهي رهي. چيائين، ”تنهنجي

روئڻ آيو پئي پر ڳوڙها ڪين ڳاڙيم. تون هتي هجين ها ته تنهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي روئان ها.“

”مان سچ پچ تنهنجا ڳوڙها ڳهٽي پيار سان اگهان ها، جاني من! آري ٻڌاءِ ته هن سان ملڻ جا هيڏا جتن پيو ڪندو هئين آخر ڪڏهن ملئين هن سان؟“

”ها مليو هوس. هڪ اخبار جو رپورٽر دوست ٿي ويو هو. هن جي مهرباني سان سندس گهر ويو هوس.“

”ويري گڊ. ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي.“

”ٻيو ته سڀ رپورٽر پئي ڳالهايو. مون رڳو ڪيس ڇيو ته هيترا سارا گل گهر ۾ رکيا اٿو. توهان جي نازڪ طبيعت جي ساک ٿا پرين. ته چيائين الله يار ته ڏنا ڪين تنهنڪري گلن سان گهر پري ڇڏيو اٿان پنهنجو...“

”واه ڇا ته جواب ڏنائين توکي. تنهنجي Tragedy Queen واقع ئي پنهنجي نالي سان هئي.“

”هاڻي مينا ڪماريءَ جي ڳالهه ڇڏ. پنهنجي ديوانند جي ڳالهه ڪر. تنهنجو Ever green هيرو.

”يار پاڻ ته ڪڏهن هن سان پرسنلي مليا ئي نه آهيون.“

”پر جي ملينئي ته Kiss ڪرڻ جو ارادو اٿيا اٿئي؟

”ضرور اٿم. اهڙا ارادا ڪو بدلائبا آهن ڇا؟“

هال ۾ ڪم واري مائي ٿي اچي. مان سمجهي تو ويان نه هيءَ ٿڙ ٽڪڙ ۾ ٻهاري پٽ ڪري واندي ٿي اسان سان ’مهاڀارت‘ ڏسڻ ويهندي. سايا نو ٿيڻ وارا آهن. ڪملا به جاڻ هال ۾ آئي ڇو ته مائي جنهن مهل صفائي ڪندي آهي تنهن مهل ڪملا سندس پنيان پيئي ڦرندي آهي ته ڪ هيءَ ڪنهن پاسن مان ڪچرو ڪيڏندي ڪانهي.

ديوانند وسري تو وڃيم. لينا کي جوان تو، ”وري مون

”ڊارلنگ منهنجي دل تي راڄ اُنَّي ئي.“

”چڱو چڱو تنهنجي دل تي راڄ آهي ته هڪ حڪم ٻڌ. اَسين ٻن هفتن ڪانپوءِ ڪشمير مان موٽنداسين. تنهن وچ ۾ تنهنجو جن ٻــه ڪلاس فيلوز سان ڪانٽئڪٽ هجي سمي... مينا... سنيل... مهيش... جن جو ڏس پتو هجئي اُنهن کي ڪانٽئڪٽ ڪجانءِ. مان توهان سان ملڻ لاءِ هڪ ڏينهن بلڪل فـــري رکنديس. That will be just wonderful“... مـــان يڪدم حساب لڳائي ڏو وڻان ته ١٥ ڏينهن بعد ڪهڙي تاريخ ٿيندي ۽ ڪيس چوان ڏو ته 27 تاريخ توڻ اَسان سان آهين. حال في الحال اِهو ڏينهن مقرر ٿا ڪيون.“

”بلڪل ٺيڪ آهي...“ لينا وڏي اُتساهه مان چوي ٿي.

”غريب جو هڪ عرض آهي.“

”غريب کي درخواست جي موڪل آهي.“

”جڏهن ڪاليج جي عمارت ۾ داخــل ٿيڻ لاءِ جيڪي ڏاڪا آهن اُنهن تي ويهي تنهنجي ريشمي زلفن ۾ گل لڳائڻ جي اِجازت...“

”گرانٽيڊ... گرانٽيڊ... گرانٽيڊ...“

فون جو رسيور رکي يڪدم سينٽرل ٽيبل تـــي رکيـــل Illustrated weekly کڻي ٿو منهن لڪايان. لينا سان ڳالهائڻ مهل مونکي سشما جي مؤجودگيءَ جو اَحساس هو. اُن مهل جذبات جي وهڪري ۾ مون بي اَٽڪ ڳالهايو. پر هاڻي سشما جي منهن ۾ نهارڻ ۾ اَٽڪ پيئي محسوس ٿئي. سوچيان ٿـــو ڪهڙي نموني کسڪي وڃان...

پر مان کسڪان تنهن کان اَڳ سشما سوفا جي پٺيان ويهي منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو،

‘Papa I liked it very much- really liked it...’

دوست جو نالو لينا ڪيئن ٿيو؟" "اَري بابا لينا منهنجي دوست جان جي زال جو نالو آهي." "اِنهيءَ ڇڻ نه..." ڪملا هلي ويئي.

هو آرتوار ڏينهن مان ڪملا جي پنيان پيو ڦرندو آهيان. رڌڻي ۾ ويندي ته رڌڻي ۾ ويندس. بالڪنيءَ ۾ ويندي ته بالڪنيءَ ۾ ويندس... اَڄ ڪملا جي موجودگيءَ ۾ مونجهه پيئي محسوس ٿئي. شايد اِن ڪري جو مون ڪيس ڪڏهن ٻڌايو ئي ڪونهي ته لينا نالي هڪ ڪاليج فرينڊ آهي جنهن کي هر سال جنم ڏن تي ڪارڊ موڪليندو آهيان.

هاڻي ڪملا منجهند جي ماني رڌڻ لاءِ رڌڻي ۾ ويئي آهي. هوءَ ٻارهين ٻج کان اڳ ته اُنان نه نڪرندي.

سينتار هوٽيل جو نمبر ٿو ڊائل ڪريان. اَڄا نمبر مليو ئي ناهي ته سشما هال ۾ ٿي اَچي. شايد هيٺر ننڊ مان اُٿي آهي. آپريٽر جيسين روم نمبر 506 سان فون ملائي تنهن کان اڳ ئي مون رسيور رکي ڇڏيو. سوچيم سشما چانهه پي وڃي پوءِ ٿو آرام سان فون ڪيان. هوءَ چانهه پيئندي پڇي ٿي، "پپا! اَڄ اَخبار جي جند تو مان جلد ڪيئن ڇتي آهي؟" "مان ڪيس چوان ٿو، "مون کي خبر هئي منهنجي ڊارلنگ ڊاٽر هيٺر چانهه پيئڻ مهل اَخبار..."

فون جي گهنٽي ٿي وڃي. اُٻهرائي وچان فون کڻان ٿو. لينا جو ئي فون آهي. چوي ٿي، "پيارل! تنهنجو فون هاڻي ٺيڪ آهي؟"

مون چيو، "ها، هاڻي ٺيڪ آهي. تون مون کي فون ڪرڻ چاهين ته فون نه هلي، اِهو ڪڏهن ٿي سگهي ٿو ڇا؟"

"تون تي اِنهيءَ تي پڇاڙهائين جڙ هڪ ماڪ جي ليابڪميونيڪيشن سرشتي تي منهنجو راڄ آهي."

ڪلا پرڪاش

جا ڇپيل ڪتاب

- هڪ دل، هزار ارمان (ناول)
(ٻه ڇاپا هند ۾ - هڪ ڇاپو سنڌ ۾)

- ممتا جون لهرون (نثري نظم)
(هڪ ڇاپو هند ۾)

- مرڪ ۽ ممتا (ڪهاڻيون)
(هڪ ڇاپو هند ۾)

- شيشي جي دل (ناول)
(هڪ ڇاپو هند ۾، هڪ ڇاپو سنڌ ۾)

- هڪ سپنو سڪن جو (ناول)
(هڪ ڇاپو هند ۾ - ٻه ڇاپا سنڌ ۾)

- حياتي هوئن ري (ناول)
(هڪ ڇاپو هند ۾، هڪ ڇاپو سنڌ ۾)

- جي هيڏڙي منجهه هون (سنڌ جو سفرنامو)
(هڪ ڇاپو هند ۾، هڪ ڇاپو سنڌ ۾)

- وقت وڻيون وڇوڻيون (ناول)
(هڪ ڇاپو هند ۾، هڪ ڇاپو سنڌ ۾)

- آرسيءَ آڏو (ناول)
(هڪ ڇاپو هند ۾ - آگسٽ ۱۹۹۲ع)



ڪلا پرڪاش جو ناول "آرسيءَ آڏو"

- مونکي مهڙو ئي تو پوي ته هيءَ ڪلا، اڳين ڪلا کان ڦريل به آهي ۽ وڌيڪ بردبار به آهي ۽ ناول نگاره طور وڌيڪ ميچوئر به آهي ... ڪيئن به ڪلا جو هيءُ ناول ڪلا جي ساهتيڪ ميچوئرٽي جو ضامن آهي ۽ اهو پڙهڻ ۽ داد ڏيڻ لائق آهي.

(گوبند مالهي - مرڪ، مارچ اپريل ۹۳ع)

- هن ناول جو ڪوئي مرڪزي يا غير مرڪزي موضوع ڪونهي؛ محض هڪ پرش دواران گهٽي ياڳي پنهنجي من جي قبولت آهي. ڪردارنگاري اهم عناصر نه هئڻ جي باوجود مڙيئي ڪردار پنهنجي ماحول، سنسڪار ۽ سنبنڌن جي حوالي ۾ بيحد سڄاويڪ بڻجي آيا آهن ... ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته پرش جي مَن کي مرڪز بڻائي، اُن جي گنڀيرتا سان قبولت ڪرڻ وارو هيءُ هڪ بيحد سٺو ناول آهي.

(ڊاڪٽر ستيش روهڙا - رچنا - ۵۵)